بسم الله الرحمن الرحيم

سبب تاليف ڪتاب پنج گنج

زمانو درگذر آهي عمر اڌاري آهي جوانيءَ کي جستجو نهي حياتيءَ کي بقاءُ ڪونهي انسان کي علم جي احسان ۾ اچڻ ضروري آهي هتي هميشه ڪو ڪون رهندو مگر جنهن جو نالو نيڪ نامي سان نامدار رهندو سو هن دنيا جي دلالن مان نه ويندو تنهنڪري هن مسڪين اهڙي تسڪين اها لڌي ته الهي پاڻ تي تڪليف سهي دنيا ۾ پنهنجي نالي يادگار رهڻ ۽ آخرت ۾ ثواب لهڻ جي اُميد جي ڪري اردوءَ پارسي ڪتابن مان هي ڪتاب ترجمو ڪري مختصر پنج باب ڪري سنڌيءَ ۾ نالو پنج گنج رکيو جو سنڌين سکڻ علم جي آب جو دريا آهي پر صاحبان اڳي معلوم آهي ته اَلْاِنْسَانُ عَنِ السَّهْوِ وَالنِّسْيَانُ آهي تنهنڪري فدوي بزرگن جي شفقت ۾ اُميد رکي عرض ٿو ڪري ته هن ڪتاب ۾ ڪا اهڙي ڀل پنهنجي لکڻ جي قلم سان سڌاري مسڪين کي اُن جي الزام جي ادنى اعلان امن ڏين -

انهي ڪتاب مستطاب جا باب هن طرح رکيا ويا آهن —

باب اول نقلن ۽ لطيفن جي بيان ۾ اُن ۾ ٻه فصل آهن فصل اول نقلن جي بيان ۾ فصل ٻيو لطيفن جي بيان ۾

باب ٻيو فيلسوفن جي بيان ۾

باب ٽيون نقطن جي بيان ۾

باب چوٿون علم ۽ ادب جي بيان ۾ اُن ۾ ٻه فصل آهن فصل اول علم جي بيان ۾ فصل ٻيو ادب جي

باب ٻيون نقلن لطيفن جي بيان ۾

فصل (۱) نقلن جي بيان ۾

حڪايت (۱) جڏهن الله تعاليٰ جلشانه حضرت آدم عليه السلام جو بت بڻايو ۽ پنهنجي ڪامل قدرت سان انهيءَ جسم ۾ روح وڌائين تڏهن حضرت جبرائيل عليه السلام وٽس عقل علم ۽ حيا ٽيئي تحفي طور ڪري آيا ۽ چيائينس ته هنن مان جيڪو توکي وڻي سو هڪڙو وٺ. حضرت آدم عليه السلام عقل قبول ڪيو تڏهن علم ۽ حيا کي ملڪ سڳوري چيو ته اوهين موٽي هلو هنن چيو ته اسين ٽيئي اصل کان گڏ رهيا آهيون ۽ ڪڏهن هڪ ٻي کان جدا نه ٿيا آهيون سو هاڻي ڪئين هن کي هيڪلو ڇڏي هلون حضرت جبرائيل عليه السلام چيو ڀلا ته ڀلي رهو. پوءِ عقل دماغ ۾ ۽ علم دل ۾ ۽ حياءُ اکين ۾ پنهنجي جاءِ ڪئي. انهيءَ سببان انسان جي خلقت ڪان سڳورو آهي ۽ عقل جي ڪري وسيلي سان پنهنجي ڌارين دوست دشمن کي سڃاڻي سگهي ٿو ۽ ڌڻي تعاليٰ جي معرفت به عقل سان حاصل ٿي ٿي. چوڻي آهي ته خدا صاحب ڏنو ته آهي پر عقل سان سنڀالڻو آهي عقل سان گڏ علم ۽ حيا جو هجڻ ضروري آهي علم ۽ شرم ڌاران ماڻهو انڌو آهي.

هووي عقل سي مرد جامع ڪمالات
مثل هيءَ ڪه العقل نصف الڪرامات

حڪايت (۲) مصر جي ڏينهن افلاطون کي هڪڙي شخص چيو ته فلاڻي ماڻهو تنهنجي ڏاڍي واکاڻ ٿي ڪئي. حڪيم اها

بيان ٧

باب پنجون - بازي ١١ حڪمت عملي جي بيان ١١

فقط تاريخ ٥ فيبروري

ٽنڊو سومرو تعلقه ٽنڊو الهيار

صحيح محمد حسن

هيڊ ماستر سڪول ٽنڊو سومرو

بقلم [illegible]

النقاش

1-10-96

دنيا کان ڪنارو ڪري ويٺو تن جي لاءِ جبلن ۾ عبادت خانا
ٺهرايائين ۽ لشڪر جو دارومدار مواجب مقرر ڪيائين لشڪر ۽ سپاهه
بازارين جي آس پاس چوڪي ڀهاريائين حڪيمن ۽ رمالن جي
عزت آبرو زياده ڪيائين ته ماڻهن کي علم سيکارين ۽ ماڻهن کي
پوک ڪرڻ ڏي راغب ڪيائين ته آبادي ٿئي ۽ دل وٺي (بيت
رعيت هئي جتي اور سلطان جهان :: رهي جهان جتي کي سبب برقرار
جواهرن کي کاڻين مان ڪڍايائين ۽ عطر عود عنبر مشڪ ٻيون اهڙيون
خوشبوءِ دار شيون ظاهر ڪريائين انهن جو تجربو ڪيائين سيکن ٻوٽين
۽ ميوي جي خاصيت ظاهر ڪيائين هر جاءِ باغ بستان پوکايائين ۽ داکه
به باغن ۾ پوکايائين جا سڀني ميون کان گوءِ کڻي وئي تنهن ڪري
بادشاه کي ساڻس ڏاڍي دل لڳي - پر هر انهي واءُ اُنهي تان نه ڄڀ ۽
ساوڪ ۾ نه هلڻ جي ڪري سبب سارو اُن ۾ اُٿو مٺت اچڻ مشڪل
ٿيو تنهن ڪري پسند نه ڪيائين ڊلا پيرائي رکي ڇڏيائين هميشه
ٻيو ڪم اچي ۽ بادشاه کڻن ڪين اُهي انهي رس کي پيو ڏسندو
هو ڪن ڏينهن پڄاڻا ڪري انهي جو ڍڪ لاهي ڏسي ته اُبامي
لڳي پئي هئي ۽ ميٺ لهي وئي آهي جيڪي ڏٺائين ته ڪڙو لڳس ۽ اصلي
لذت منجهانس سڀ نڪري وئي پائين ته زهر قاتل ٿي پيو آهي
تنهن ڪري دل ۾ انجا سنهن پڏائي ڪنهن ڪمند پاسي رکائي
ڇڏيائين انهي مطلب لاءِ ته رکيل شيء مهل سر ڪم اچي وڃي ٻئي
تو تري ٽانگ جو سر آهي بادشاه جي هڪڙي ٻانهي تمام سهڻي
هئي تنهن کي اتفاق سان اچي مٿي ۾ سور پيو حڪيم علاج
ڪري ٿڪجي پيا پر ڪنهن جو علاج ڪارگر نه ٿيو - آخر ويچاري
سور جي غلبي کان عاجز ٿي مرڻ لاءِ تيار ٿي - دل ۾ سمجهيائين ته
اهو قاتل زهر پيان ته مري سور کان ڇٽي رهان -

ڳالهه ٻڌي ڪنڌ ڪٽي ميڻ ڪيو ۽ ڏاڍي غم ۾ پنهنجي ولوڙ ۾
هُن شخص چيو ته تون ڪهڙي ڳڻتي ۾ پيو آهين مون کا
ٻڌڙي ڳالهه ته نه ڪئي آهي چيائين مونکي تنهنجي ڳالهه جو ڪوفڪر
ڪونهي پر اها ڄاڄ لڳو ڪريان ته مونکان ڪهڙي بيوقوفي ٿي
آهي جا اُنهي جاهل کي وڻي آهي ڇالاءِ جو نادان جڏهن ڪا
ناداني ڏسندو تڏهن واکاڻ ڪندو۔

حڪايت (٣) عضدالدوله هڪ وزير جو هڪ دوست عباد
نالي ڏاڍو هوشيار سچيتو مٺي ڳالهائڻ خوش لباس حاضرجوابي
۽ خوش طبع هو۔ علم حديث فقه ۽ موسيقي يعني راڳ جي
علم ۾ ٻيا سڀئي علم مان چڱي طرح واقف هو ۽ گهڻا ملڪ
گهميو هو تنهنڪري اڪثر سڀڪنهن ملڪ جي ٻولي ڄاڻندو
هو ۽ چوپڙ شطرنج ۾ ٻين انهن راندين ۾ به ڏاڍو چالاڪ
هو نيڪ صلاح ۽ نيڪوڪار هو۔ هڪڙي ڏينهن وزير ۽
سندس يار گڏجي شراب پيتو هو جنهنڪري سڀ نشي ۾
مست ٿي پيا هوا اوڏي محل هن عباد کان پڇيو ته ڪيترو
شراب پيءُ گهرجي جيئن ته دل خوش رهي ۽ ماڻهو مستي
۾ هوشياري جي وڃ ۾ نه ٿئي **بيت** نه اتنا پيو ڄو تو نادان هو
جائي :: نه اتنا گهٽ طرب نقصان هو جائي + وري چيائين ته
ڪڏهن ڪنهن شراب پيدا ڪيو آهي ورنه ڇيا ڏنائين ته حضرت
آدم کان هزار ورهه پوءِ جمشيد بادشاهه جڏهن تخت تي ويٺو۔
تڏهن سڄي جهان کي پنهنجي قبضي ۾ آندائين ۽ شيطان
پنهنجي تابع ڪيائين ۽ [illegible] تنهن سڀني تمام ڪيترا انهن کي
اُگهاڙن کي ڍڪايائين ۽ سڀڪنهن قدم جي لاءِ جو رواج وڌائين۔
جاءِ جايءِ عمارتون ۽ جايون ٺهرايائين ۽ شهر ٻڌايائين ماڻهن

هئي ته ڪاوڙ جي پوري وهو آخر اهڙي ڏهاڙي جي تڪليف
سبان هڪڙي سوني پڃيا جوڙائي خزانچا سپ جواهر اُن
تي جڙائي اُها رات ڏينهه پنهنجي حوالي ۾ رکيائين ڪچهري ۾
پنهنجي اڳيان ۽ رات جو سمهڻ مهل سيراندي هيٺان
رکندو هو - اِها ماڻڪن واري پڃي صاف ۽ اچي ملڪن ۾
مشهور ٿي ويئي - هڪڙو چور جو في الفور ماڻهن جي اکين
مان سرمو بچور اڇي ويندو هو تنهن دل ۾ چيو ته اِها پڃي
هٿ ڪرڻ به مراد پنهنجي دام ۾ آڻڻ گهرجي سوا ونداهي
رات ۾ بادشاهي محلات ڏي هلڻ لڳو پر ڏسي ته چوڪيدار ۽
پهريدار سڀ سجاڳ ۽ خبردار بيٺا آهن تنهن ڪري ڪمند
ڪمند پاسي لڳي ويهي رهيو آڌي ڪان پوءِ سپاهين کي اچي
ننڊ ورايو تن ڪنهن مهل خبردار رهڻ جا ڪارڻ ڪيئي ۽ ڪنهن
مهل آڪيئين واڱر جهوٽا کائيو ويهو ٿي رهيا ۽ ڪنهن مهل
وري اٿيا ٿي اهو حال ڏسي چور چپ ٽڪ لڳو ۽ ناڳ واڱر
پيٽ پر سري وڃي قلعي جي ڀت کي پهتو ۽ ڪمند کوٽ
جي ڪنگري ۾ اٽڪائي قلعي تي چڙهيو جتي سان الهي شاهي
محلات ۾ آيو شمع جي سوجهري ۾ ڏسي ته بادشاهه اِها پڃي
سيراندي هيٺ رکيو ننڊ جي غفلت ۾ ستو پيو آهي ۽ هڪڙي
ٻانهي ٻهرو ويٺي ڏيس سا ننڊ جي نشي کان ڪنهن مهل ٻيٺيون
ويٺي ڪاٽي ۽ ڪنهن مهل هٿ لڳي جهوري گهڙي پلڪ ڪانئي
جڏهن اُنهي ننڊ ڪئي ويئي تڏهن هي سنڌس بوجي لاهي
پنهنجي مٿي تي رکي بادشاهه کي منهن ماڻڻ ويٺو تنهن تي
بادشاهه پاسو ورايو تنهن مهل حڪمت عملي سان پڃي بادشاهه
جي مٿي هيٺان سرڪائي ڪڍي ورتائين آهسته آهسته ٻيءِ

داد ڏيندو ۽ پرين کي ٻڌو مٿس دالمين ڏيندو هو ته پاڻ تخت تان
لهي غريب جي ڇوڪري ۽ انگر ٻيجهي پوري طرح سان ان جواب سوال ڪندو
هو - امير جي طرح سيکو ڏاڍو وهيڻو چگو منو پنهنجي حق ۾ سمجهندو
آمير کي اهڙا ڳالهه ڏاڍي ڏکي ۽ پاڻ به اسو قاعدو مقرر ڪيائين -
هڪڙي ڏينهن ۾ عام دربار ۾ مخاطب ٿي چيائين ته مون کان ڪو
ذڪو ٿيل پاڪ مظلوم مون جي حق هجي ته اهو ظاهر ڪري ته ڏهن هڪڙي
شخص اٿي ادب سان عرض ڪيو ته حضور جن جي مظلوم حق آهي
سو جيڪي ته منا عنايت جي نظر سان ادا ڪندو ته غريب پرورين کان
پري ٿيندو آهي - امير پڇيس ته اهو ڪهڙو حق آهي - چيائين ته بادشاه
ڏاڍي شان ۽ شوڪت ۽ حشمت ۽ دهشت سان بغداد ڏي
ٿي ويو ۽ سندس نشان عاليشان مون جي سامان جي گهروڻان اچي
لنگهيو ته ڏهن مسڪينن جي تسڪين جهٽ پٽ اکيان رستي ۾
پاڻي جو ڇنڊڪار ڪيو ته شاه فلڪ درگاه جا ڪپڙا ڇٽي لت نه پوي
بيو هڪڙي پيري ساڳي جو ڪباب ورتو هو - امير پڇيس اهڙي
ڳالهه تنهنجي سچي آهي ها ته جيڪي گهرين سو ڏيان ٿو - چيائين فلاڻي
شهر جي پيدائش ٻه هزار رپيا آهي سا انهي کي ملندي رهي بادشاه
جيو ته نالي کان حڪومت جي لذت وٺندي آهي ۽ ايتري لو ڙري
خدمت جي عيوض انهي شهر جي حڪومت به ڪئي مون کي عطا ڪيائين
بادشاه هر صفت نيڪ نظر ڪرتي هيں - گرچه ذره هووي آسماں هي
اثر کرتي هيں + جي شبه آن ميں هي خاصيت اکسير کبير - درم قلب
کو ايک آن ميں زر کرتي هيں + فقط +

حڪايت (٦) هڪڙي بادشاه جي اڳيان واه کي جواهرات سان ڏاڍي
داهو ٿيندي ٿي سو هر روز پنهنجا جواهر رو برو گهرائي ڏسندو
هو ۽ جيا انهن جي ماڻڪ ۾ خزانچي کان ڪجهه دير ٿي ويندي

نه ته موچڙن جي مار کائيندين چور اهڙا ڳالهه ٻڌي ڏاڍو ساهه کڻي ۽
اُچنگارون ڏيئي رُئڻ لڳو ۽ اٿي هلي ويا ۽ جو سڀ دربان اُتي ويهي
رهيا ۽ هنکي گهڻو ڏمڪايائون ته اي نيچ ماڻهو ڪڏهن اسانجي ٻند ڪٽي
ڀڄي نه ويندين ته هن نهايت عاجزي سان چوڻ لڳو ته ساهه اوهان جي در
آهيو ٻي جي در جي اوانگي کڙڪيندس - جنهنکي لڳو هوندو -
تنهنکي خبر هوندي - آخر جڏهن ڏٺائون ته هي ماڻهو ته ٺوڪري ۽ ٻند
لُٽ ڦڙي ٿو ۽ درٻار ڏانهن هن بلاڪان ڪيئن ڇڏينداسين انڌ هن دريءَ
ٻاهر ڪڍي ڇڏيائونس - اُنهي دروازي جي پر ڀرسان ۾ هڪڙو ڇڪلو
هو اُتي هڪڙو جوان عيار هڪاره هڪڙي ڪسٻائي جي گهر ۾ ويٺو
هو تنهن اِنهي فريبي رئڻ کي سمجهيو ۽ چور ۽ دربانن جي سڀ
گفتگو ٻڌي جهٽ پٽ اُنجي پٺيان ڊوڙيو ۽ دروازي ٻند ٿيڻ کان
اڳي اچي پهتو پا نيا ۽ ته ٻاهر وڃان ته هن دربانن پڇيس ته ڪير
آهين جو هن محل ٻاهر ٿو وڃين چيائين ته جيڪو شخص هاڻي دربان
ٻاهر ڪڍيو آهي تنهنجو ڀاءُ آهيان پنهنجي ڀائي جي غم جي باري ۾
جيرا ٻکيون ڳجي پڇي ڪباب ٿي رهيا آهن هاڻي اُنجي دفن ڪرڻ
۾ وڃان پيو سان همراهي ڪندس - مطلب ته هي به اِنهي حيلي
سان ٻاهر نڪري اُنجي پٺيان لڳو - چور هلي سوڙهي ميدان وٽان
اچي لنگهيو - ڏسي ته ٽن ڪانئين ٿي ماڻهو لڙڪيا پيا آهن ۽ چوٿون
ڪان خالي پيو آهي پوءِ اُتان ڳچ پنڌ اڳي وڃي ڪڏ ڪٽي اُها پنهنجي پوري
نشاني لائي هڪڙو پهٽو رت پريل مٿس رکي پوءِ ٿي موٽيو ۽ جوان
جو سو ڳجهو ڳجهو هي ٿيا خالي ڪان ٿي اچي چڙهي ويٺو هو ۽ سڀ ٿيستو
احوال ويٺي ڏٺائين موٽيو تنهنکي اچي ڏسي ته جو ٿين خالي ڪان
تي به ماڻهو ٽنگيو پيو آهي تمام حيرانيءَ ۾ وڌل ۾ چيائين ته اُهو هڪ
ڪان خالي ڏسي ويس ۽ هنئر چئني ڪانئين تي ماڻهو ٽنگيا پيا

باهر نڪري قلعي جي پٽ تان لهي چوڪيدارن جي نظر کان
پاڻ کي بچائي شهر جي عالم پناه جي دروازي تي آيو
۽ دربند ڏسي دل ۾ چوڻ لڳو ته هھڙي مچي جا سج
کان به زياده روشن آهي تنهن سان شهر ۾ رهڻ مناسب
نه آهي راتو رات باهر نڪري وڃجي ۽ بادشاھ جاڳي تلاش
ڪري تنهن کان اڳي ڪٿي منهن کي دفن ڪرڻ گهرجي -

وقت فرصت هي غنيمت پيش ڪيا هوسڪي
يه تو هي اسرار مخفي بر ملا ڪيا هوسڪي
سياه شب وقت جواني اسمين ڪرنا هو سو ڪر
روز روشن وقت پيري ۾ پلا ڪيا هوسڪي

پوءِ انهي مچي کي بوچڻي ۾ ويڙهي باغ مان گل چني ساڻس
وٺي مثل چوڪر وانگر هٿن تي رکي رنڊ ۽ پنڊ وٺي شهر
جي دروازي تي آيو ۽ دربانن کي چيائين ته هي منهنجو طوطي
جهڙو ڳالهيار پٽ هنيئڙي مري ويو آهي ۽ مون نپاڳي پڻ
جي سيني جي لالا وانگر داغ ڏئي ويو آهي تنهنڪانسواءِ
ارڙهون جو سياڻ پنهنجا پراوا منهنجي تجهيز ۽ تڪفين
لاءِ اچي گڏ ٿيندا اُهن کي ساهون ٿيڻ جسٽرو به نه اٿم -
تنهنڪري دشمن ٺولي مسخري ڪري هنن تي ڦٿ جي
لوڻ برڪيندا ۽ داغ تي داغ ڏيندا اسو پايان لڦ نه
من خوفي جي خرابي کي رات تي جو بر ۾ دفن ڪيريان
۽ دشمنن جي طعني مهڻي کان پنان اِها ڳالهه ٻڌي ٻهڪ
دربانن جهڙپ ڏيئي پڇيس ته هل ڏي هل ڪهڙو لٽ لاتو
اٿئي هنئراڏ رات جو توهڙيا ڪتل واسطي ڪوتوال جي
حڪم کان سواءِ ڪير دروازي پڇي - مات ڪري ويه نه

افسوس ميتري ساري باھمنت ڇڏي ويئي ڪا مڇي ڦاسي ڪانه واڳي مٿو کڻي ٻاهر آيو -

اجا ماڻ ڏينھن ٿيو ته ھند ھند ٻڌو گھمڻ لڳو ته رات بادشاھ جي جڙائو مڇي چورائجي ويئي آھي جيڪو اھو نشان ٻڌائيندو تنھن کي سرڪار مان تمام گھڻو انعام ملندو -

ھي ڳالھ ٻڌي ڪوٽوال جي معرفت بادشاھ جي روبرو آيو ۽ سلام ڪري ٻڌايائين ته بادشاھ ڇيس لوڪين جي داڻ آھي سچ ڳالھ ھن سمورو سچي ڳالھ ابتدا کان انتھا تائين بادشاھ کي ٻڌائي عرض ڪيائين ته مون جي نڪ جي چوڪ ڏينون اٿس تن جا نشان ڦٽ ھيٺ وٺي ته به وڃي جانچ ڪريو تنھنڪري ساموڪي حڪم ملي ته گھر گھر ڇاڻ ڪجي ڪنھن جي نڪ تي ڦٽ ڏسي وڃي گولياتنس ۽ روڪ ڪري تنھن کي بادشاھ ڪوٽوال کي حڪم ڏنو ته وڃي پڙھو گھمارائي ته ڪنھن به ھن کي منع ڪون ڪري - جڏھن اھو حڪم مليس تڏھن اھڙي گولا مشغول ٿيو رات ڏينھن سڄو شھر گھمندو ۽ بازارين ۾ گھميو جيڪو طبيب ھو تنھن جي ڏنائين تنھن پنھنجي بيمار ڏٺائين آخر انھي تجويز سان گولا ڪيتري ڏينھن ڪري پنھنجي اٿي رنگيلي جي گھر ۾ آيو ڏسي ته ھوجوان بستري تي پيو ڏکيو ويٺو آھي ۽ ماڻهن کي ڏسيو ڏيو ويٺو آھي شراب جو دور پيو ھلي ڦٽ به البت چٽ لڳي آيو اٿس من ۾ ڪي سلام ڪري پڇيو ته آفرين اٿئي تنھنجي ماءُ پيءُ لوڪين جيئو تو جھڙو منوالو شير ۽ دهشت ناڪ دلير چالاڪ جي باڪ ھن گرداب افلاڪ ھيٺ اجتماع ڪنھن نه ڏٺو ھوندو ھوند خوشامد جا ڳالھ نه آھي پر في الحقيقت چوري جو علم توتي ختم آھي ماڻهن اُٿ سگھو ھل بادشاھ تنھنجو منتظر ويٺو آھي جڏھن جوان ٻي مان ڏٺو ته سچ ڳالھ ٺاڻ ڏاڍا انا

آهن ڪهڙو سبب آهي پوءِ هڪڙي ٻاهڙي ٻاحاف ني چئي سپ
ڪنهن ماڻهوءَ جي نڪتي هٿ رکي جاچ ڪري ڏناءِ ته مئي جيري
جي خبر پوي پر ڪنهن سلاڪون ڪنيو نيٺ جنهن ۾ جماني جو
گهڻو گمان هوس تنهنجي نڪ کي گهٽي تاءِ جهلي بيٺو پر من جوان
پنهنجي دم کي اهڙو بند ڪري جهليو جو انهي افلاطون کي به سمجهه
۾ نه آيو ته ڪو پساه اٿس تنهن هوندي به ترار ميان مان ڪڍي
نڪتي جو ڪون ڏنائيس ته به هي ميت وانگر مات ۾ هيو ڪي
چريو نه ڪي ساه کنياءِ تڏهن پڪ ٿيس ته هي به مثل آهي ۽ دل
جاءِ ڪري اچي فڪر ۾ تياو ديو مليو تڏهن في الفور هيڻا هي
اماڻي انهي هنڌ الڪيري اچي هنڌ پوري پڪ ڪري نڪ کي
پنهنجي ڏينهن ڏني ٻيو انهي ڪسباڻي جي گهر آيو - تنهن
تازو وقت ڏسي پڇيس ته هي زخم ڪئن ٿيو اٿئي - چياءِ ته هي
گهڻو ظاهر ڪرڻ جو نه آهي مگر ڪنهن حاذق حڪيم کي گهراءِ ته
انهي ڦٽ جو علاج ڪجي ڪسباڻي پنهنجي اهڙي جنس ڪان پڇيو
ته اوهان مان ڪنهن جو يار طبيب آهي تڏهن هڪڙي ترياڪ
تيرو تلي چيو ته هڪڙو طبيب منهنجو حبيب آهي جو پنهنجي اڏڻ ۾
تمام پختو آهي من جهٽ پٽ انهي حڪيم کي گهرايو سو انهي نڪ
جو ڦٽ ڏسي جوٽ لڳو ته شعر
سخت رو مرد مقابل سي نه ٽل جاتي هين - ضرب شمشير منه منه
کي اگر کاتي هين + جنڪا ثابت هي قدم مردي مين مثل منصور
گرچه سولي په چڙهين تو بهي نه گهبراتي هين +
مطلب تنهن حڪيم هنجي مرهم پٽي ڪرڻ لڳو -
چور موچ جو انهي جاءِ تي وڃي ڏسي ته ڇا پر پيل آهي ڪانه
ڪو ڪيري ويو سو ٻي آب ڇا وانگر ڦٿڪڻ لڳو - دل ۾ چياءِ

ظالم بادشاھ جيا آھي جو ھن اھي خلق کي ظلم ڪندو ھو نيٺ
اُنکي ماري دوزخ جي حوالي ڪيائين - پوءِ وري ٻي ڪوبري
ڪي آڻيو ڇياءِ ته ھي عادل رحمدل خدا ترس ۽ عابد بادشاھ
جي ڪر پري آھي ۽ موت اُنھي ڪي به نه ڇڏيو مارڪ منٽ ۾ ملائي
ڇڏيائين مطلب ته ھن آسياءِ رفتار آسمان جي گردش ھيٺ اچي
ڪوبه برقرار نه رھيو جيڪي اچن ٿا سو پيسي ويندو - تنھنجو
ٻه ھڪڙي ڏينھ اھڙو حال ٿيندو جڏھن ڪو مري لُوڻ ڌڻ ڪنھ
ڪي خلل نه ٿي رھي ته اُن ٿي ڇا لاڳو رھي - اھي ڳالھيون ٻڌي سڪندر
رُئڻ لڳو ۽ چيائين جي تنھنجي خواھش ڇا ته آءُ ملڪ جو وراھي
ڏيان ۽ جواب ڏنائين ته ھي سڀ ماٺو مال ۽ ملڪ سڀان تنھنجا
دشمن ۽ قناعت ڪري منھنجا دوست آھن - مونکي پسند نه
لڳا جي نه دنيا جي دولت ۽ ملڪ ڪري دوست دشمن ٿين -
سڪندر اھا ڳالھ ٻڌي اُن کان موڪلائي ھُن خوش ٿي ويو
ڪونري جو گورستي سڪي ڪيسي ڇپ ھي - ھڪوني ڪھڳال ھي يا
شاھ عاليشان ھي + ذات جسکي ھي بقا اور ملک جسکا ھي قديم
بادشاھت اس غني کو سب طرح شايان ھي -

ڳالھ (٩) ھڪڙي راجا جو وزير ذي تدبير عقل ۽ بي نظير
ھو راجا جو مٿس گھڻو پيار ھو ويھ پٽ مٿس ڇا سڀ راجا جي
ملڪ ۾ مختيار ڪار ھو - تنھنڪري ساڻس دشمن حسد جي
حرارت ۾ ڇڪائي آخر شرارت جي ڪري مٿس ڪا ڪوڙي تھمت
رکي راجا کي ھن تي اھڙو ڪاوڙايائون جو ڪيس وھين ئي پٽن سميت
ڪي ھڪڙي کوھ ۾ قيد رکايائين ۽ حڪم ڪيائين ته ھر روز ھنن سڀني
کي ھڪ ھڪ ٻيڙو روز ڏيندا ويجھو ڇا ڏيڻ گھرن ته بلڪل نه
ڏجون اھو حال ڏسي ھن پنھنجن پٽن کي چيو ته راجا جو مطلب آھي

پيو ڪو چاهي ڪو نه ٿي تڏهن چوٽ لڳو ته هي مٿر پئي اوهان جي نظر
جو فيض آهي ماءُ پيئان اهو هنر ڪو نه آيو اٿم - اوهان کان اهو سبق
سکيو آهيان جڏهن اُستاد مٿ هوندو تڏهن شاگرد مس ڪڏهن
ٿيندو ۽ فدوي کي اهڙي طاقت نه آهي جو آسماني موت کي پنهنجو
قوت ڪري خيال ڪيو هوم ته جڏهن ڇڳو پلو ٿيندس تڏهن
اچي اُستاد جو ادب رکندس ۽ جتي اٿو پيچيا ساڻ جن کي ڏيندس ۽
اوائلي معرفت بادشاهه وٽ هلي انعام لهندس پر زماني ايتري
فرصت نه ڏني اوهين پاڻ ملڪ الموت بڻجي آيا آهيو - پوءِ
پڇي سوڙ ۽ بادشاهه وٽ آيو ۽ ڪيائونس سوڙهي جو سعيو ۽
غفلت سان سر وڃايائين   دوست دشمن کي جو وزن ڪو جانچيا
هوگا - دور بين عقل کي ڪانٽي سيرن وه ساڃاهو گا + وه بدي ڪر
کي مڪافات سي غافل نه ها يسير عشرت کي جو اوراق کو بانچا هو گا

نقل (٨) سڪندر بادشاهه ملڪ فتح ڪندو گهمندو هڪڙي
ملڪ ۾ آيو اُتي جا ماڻهو وٽ دنيا جو سامان به ڪين هو سي
جي گهرن اڳيان قبرون کنيون پيون هيون ۽ گاهه تي گذر ڪري تني
تعاليٰ جي عبادت ۾ ڪيائين - اُتي جي بادشاهه کي ڪوٺڻ واسطي
ماڻهو موڪليائين پر هو نه آيو چيائين سڪندر سان منهنجو ڪهڙو مطلب
تڏهن هي وٽس هلي ويو ۽ چيائينس ته دنيا جي گذران جو سامان
پاڻ وٽ ڇو نٿا رکو ۽ رندن ڏناءِ ته اِنهي سڀان جو آسمان به وٽي
ني نه ٿو وري پڇيائينس ته قبرون ڇو کوٽي ڇڏيون اٿوَ چيائون
نيٺ اِماني مترلهه آهي پوءِ پڇيائينس ته گاهه ڇو ٿا کائو - چياءِ لذيذ
کاڄ کائي پيٽ پرڻ تنهنجو مطلب ڇا لذت فقط نڙي تائين آهي
سو جڏهن طعام کائو تو ٿڌو گاهه - اِئين چئي هڪڙي ماڻهو جي کوپري
آڻي سڪندر بادشاهه جي اڳيان رکيائين ۽ چيائين ته هي کوپري هڪڙي

چيائين ته هن گالهه مون کي وڌيڪ حيران ڪري ڇڏيو آهي ته هنن کي ڪٿان پئي
جُڙي ۽ سانس، وزير دل ۾ چيو ته منهنجو مطلب انهيءَ کان حاصل
ٿيندو ۽ چيائين ته جوهي اهڙو ماڻهو آهي جو ڪنهن کي به ويرون
ڏاران پڌرن وارو نه آهي، سڀاڻي ته برهمڻ کي ايمان رکڻ لاءِ وٺ
ٿي ويو ته اوان کي پنهنجي مقرر ڪري ڇڏي جنهن مان اُن جو آسرو
گذران پيو ٿئي، هن چيو ته مان ڪو ڀلي ۽ ايندڙ رات جي نه ڏجي
وزير چيس الو بهتر بزرگ آدمي ڏسو مورت ۽ عزت ۽ ڏيڻ جي
مسئله کان وڌ ڪنهن کي رڪڻ جي ڪنهن کي طاقت آهي جو ڪو
ڀلي سڀاڻي سويري راجا جي دربار ۾ اچڻو آهي ۽ اوهان جو پلو
آهي ٻانهن سان ڪالهه قبول ڪري ڇڏيو ڪالهه ڏيو ويو وزير اچي
دربانن کي تاڪيد ڪيو ته جي فلاڻو برهمڻ اچي ته اُن کي مار
ڪُٽي ڌڪا ڏيئي لوڌي ڪڍجو جو مجوس ته راجا جو اهو حڪم
آهي پلاهي ته گهرن ۾ اهڙو ڳالهيون سو صبح ٿي من موج جو
هو اُٿي آيو ته ڏسن اشر ڪيتري انگر چيڙي ويس ۽
لتن ۽ مڪن سان دوڙي ڪڍي ڪيائونس حتي ته اُگهڙو
ويو ته هن وزير کي ڳالهه ٻڌائي وزير وڃي قدمن ۾ ڪريس
۽ گهڻي نيزاري ڪري چيائين ته سڀاڻي ڀلي ڏينهن جو هي
وري اچجو ۽ آءٌ وڃي راجا کي سمجهايان اُميد آهي ته سڀاڻي
اوهان جو ڪم ٿيندو برهمڻ وري اچڻ جو انجام ڪري هليو ويو
وزير وري اچي دربانن کي تاڪيد ڪيو ته اُهو برهمڻ جي وري
اچي ته انهيءَ کان به وڌيڪ ڇتو مجوس - هي ٻي ڏينهن وري به
ڪچهري جي دروازي تي آيو دربانن ته اُڪيئي پڙهايا پيا هوا تن اُئين
ئي اُٿي لتن ۽ مڪن جو سڪار ولايس ۽ تنگ ڪان وڃي پيٽ
ئي گهري گڃ ٻڌي پري وڃي اچي پائونس ته چلي پيس منزري

ته ھي سڀ ٻکيه جا عذاب ڪاڻي مري ويا جن ھڪ ڇيڻي جي طعام مان
جيڪي ڦوھن سڀني ڪائينداسون ته گراھ گراھ به نه ايندو ۽ سڀ سڳاھي
مري وينداسون ٻنھي ڪري چڱي ڳالھ ھي آھي جو اھو ڪاج ھڪڙو
جنڙو ڪانئي پاڻکي بچائي ۽ ٻيا سگھي نه سڀني جو ڀلو راجا ڪان روني تڏھ
سڀني چيو ته اھا ڳالھ بيشڪ چڱي آھي پر توکان سواءِ ٻيو ڪو ڀلو
وٺي نه سگھندو تنھن ڪري اسان سڀني پنھنجي جان توتان فدا ڪئي
پوءِ ڪوه جي پاسي ۾ ڪڏ کوٽيا ھڪڙي ماڻھوءَ جي وھڻ جيتري جاءِ
ڪري ڏنائون ھمي اُن ۾ ويھي رھيو جيڪو ڪاج رھيو سان ڪوه
۾ لتڪائي ڏيندا ھوا سو مٿي چڙھي ڪاڻي جدا بند ھوا پنھ
سڀ ڦاقا ڪاڻي مري ويا ھي ٻه ورھ اُتي قيد ۾ رھيو ھڪڙي ڏينھ
راجا کي اھڙو سخت مشڪل اچي پيو جو سڀ پرڌانن ۽ سياڻا اُتي
حل ۾ حيران رھيا ـ راجا چيو افسوس جيڪر ھن قلا ٽوڙ وزير جي نظير
جيڪو ھجي ھا ته ھن وقت ۾ ڪم اچي ھا نوڪرن ڪان چيائين ته اھي
ايڪيه ڄي ماڻھو مري ويا ڪو به اِھن مان جيئرو آھي عرض ڪيائين
ته ھڪڙي ماڻھوءَ جو قوت ڏھاڙي ڪوه ۾ لتڪائي تا وڃون سو ڪو
لاھيو تو وٺي خبر نه آھي ته ڪير جيئرو آھي حڪم ڪيائين ته جيڪو
جيئرو ھجي تنھن کي ڪڍي اچو ھنکي ڪيڏي بادشاھ وٽ آندائون
سو ڀاڻي پنھنجي گذرين ۾ گھڻو عذر ڪيائين ـ ھي ويچارو ڪوه جي
اونداھ جي تڪليف ۾ پٽن جي اندوھ آرمان کان گھڙيا ھڻ اچي وليو
ھو ڪن ڏينھن کان پوءِ جڏھن ھوش حواس ۾ جاءِ تيس تڏھن
پنھنجي اينڪ ... لاج سان ... مشڪل آسان ڪيائين راجا خوش
ٿي آڳين کان به وڌيڪ مرتبو ڏنس پر ھجي ڏيرھو ڏٽ الاءِ دل ۾ جي لڳيو
ھڪڙي ڏينھن جنگ ھمره وڃو اچي ڏسي ته ھڪڙو ٻرھمڻ ادب
جي لوڙ ڪي پاڙ کان پيو پٽي تڏھن پڇيائينس ته ھي جا لوڙ ڪرين

منهنجي نگهباني ڪري جو توبهه ڀڃيندا ۽ وري ته جي توبن
مرندي نه دشمن مونکي رنجائيندا اهاڻ اهڙي صاحب جي
خدمت ۾ آهيان جو هميشه جيئو قائم آهي ۽ منهنجي ڪريا مونکي
ڪنهن جو ڀؤ نه آهي پنهنجون ٻيو ڀڃيندو وهوس ته جيڪڏهن
مونکان ڪو منهنجو گناهه ٿئي ٻيو ته ڪين بخشيندا هالي
منهنجو صاحب اهڙو ٻاجهارو آهي جو ڏهاڙي سندس سوين
گناهه لوڪ ڪريان ته بخشيو ڇڏي ٿو

نقل (۱) حضرت داؤد عليه السلام هميشه رات جو ڪين منهنجي
شهر ۾ هيڪلو گهمندو هو ۽ ڏسندو ماڻهو ڪهڙو هوس تنهنکا ڇيڙو
هو ته داؤد ڪهڙو آهي هڪڙي رات حضرت جبرائيل عليه السلام انسان جي
صورت ۾ مليس تنهنکان پڇيائين ته داؤد جي چال ڪهڙي آهي چيائين ته
داؤد نبي ڀلو آهي ۽ بادشاهه آهي تنهنجي ڪهڙي ڳالهه ڪجي مگر هڪ
عادت چڱي نه اٿس جو پنهنجو گذران بادشاهي خزاني مان ڪونه ڪري ٿو
ڇا بازي جي پورهئي سان ڪري ته چڱو اٿس حضرت داؤد عليه السلام
موٽي پنهنجي جاءِ تي آيو ۽ زار زار روئي خدا تعالى جي درگاهه
۾ عرض ڪيائين ته اي الله العالمين مونکي ڪو هنر عطا ڪر ته اهو
وسيلو بنائي پنهنجو گذران ڪري سگهان ته هن الله تعالى اهڙو
معجزو عطا ڪيس جو سندس هٿ ۾ لوهه مين جهڙو ٿي وڃي نرم تنهن
جهيان زرهون ٺاهيندو هو ۽ وڪڻي انهن مان قوت ڪندو هو
جنهن نبين به پنهنجي پورهئي مان گذران ڪيو آهي ته هنن سڀني
ماڻهن کي اوس ائين ڪرڻ گهرجي

نقل (۲) چنگيز خان بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ هڪ ماڻهو ڳالهه ڪئي

پاسي جا ٻه ڄڻا پير ۽ وزير وري ٻه ڏوڙي وڃي پيرن ۾ هٿ
ٻڌي بيٺا گهڻي ادب ۽ نياز سان چيائين ته الله جا اسين ڪهڙي
سمجهي آهيون جو توهان جي واسطي جي گناه اهڙو وڏو ڪيو اٿس
چيائين ته خدا جي - باقي ذرا ته الله لڳي ڪهڙي سزا ڏيان
پوءِ وڃي ڪجهن هيڪلي ٿيا ۽ ويهي رهيا جي خراب ڪرڻ لاءِ
جادو منتر پڙهڻ لڳو جنهن جي اثر کان جهٽ پٽ اهو راڄا ۽ سڄو
سڀ خاندان خراب ٿي ٿي پيا جي ويو - جادو جو اثر مؤثر
آهي پر ڪرڻ وارو ڪافر آهي بادشاهن کي گهرجي ته ڪنهن
به ماڻهوءَ تي اهڙي باقي سزا جي زيادتي نه فرمائين ۽ سڀني
کي گناه سارو سزا ڏين ۽ مظلوم کان محبت جي اميد نه رکن
۽ ڇڙا ڏئي ڪري جو هڪ ڄاڻي جي اميد رکڻ نادان آهي

سبل آهني سخت تو مڙ سگهي — ولي زنگ بينا هين اڙ سگهي
ڦٽا دل تو زنهار ملتا نهين — جو شيشه شڪسته هو ڪب جڙ سگهي

نقل (١٠) ڪنهن بادشاهه جو وزير تمام بير ذاڊو سياڻو
۽ ذاهو هو سو نوڪري ڇڏي ڪري وڃي خدا صاحب جي عبادت ۾
مشغول ٿيو هڪڙي ڏينهن بادشاهه پاڻ ملاقات لاءِ وٽس گهڻو
ويو پڇيائين ته ڪهڙي سبب نوڪري ڇڏي ڏني - چيائين ته
پنجن سببن کان هڪڙو ته توهان ويٺو هوندو هئين ۽ آءٌ توهان جي
حاضري ۾ بيٺو هوندو هوس هاڻي خدا تعالى جي بندگي لاءِ
ڪريان ٿو ته اوهو نماز ۾ به ويهڻ جو صحيح آهي ٻيو ته توهان ويٺو
کائيندا هئا ۽ آءٌ بيٺو هوندو هوس مالڪ اهڙو رزاق مت
ڪيو ... پاڻ ... کانپوءِ پاڪ آهي ٽيون
تو ... آءٌ تو ... ڏيندو هوس
... بادشاهه جي ... ۾ آمين جو آءٌ سمجهان تو ۽ هو

سچا آهيان. مون کي انهيءَ ڳالهه کان اهڙو شرم ٿيو جو ڪنڌ ڪڍي هيٺ
ڪيائين ۽ چيائين ته قاضي صاحب مون کي موت قبول آهي ۽ اُگهاڙي ٻاجهل
نه ٿينديس. تڏهن قاضي هن کي ڇڏي ڏنو ۽ فريادڻ کي هيڪلائي ۾
گهرائي چيائين ته جيڪڏهن تون منهنجي اڳيان اُگهاڙي ٿيئين ته آءٌ
تنهنجي ڳالهه تي ويساهه ڪريان. تڏهن هن زال پاڻ ئي اُگهاڙي ٿيڻ پر قاضي
منع ڪيس ۽ چيائين ته پٽ لوڪ تو آهي اڃان به ٽي چابڪ هڻائينس. ته
سچا ڪري ڏيکاريا وڌائين ۽ ڦاسي ڪاڍائين -

نقل (١٤) حضرت امام شافعي کان نقل آهي ته آءٌ قيافي جي علم سکڻ لاءِ
مڪي شريف کان شام ڏي ويس ۽ انهيءَ علم جا ڪتاب هٿ ڪري رات
ڏينهن پڙهڻ لڳس جڏهن انهيءَ علم ۾ گهڻو ماهر ٿيس تڏهن پنهنجي
ملڪ ڏي موٽيس منزل به منزل هڪڙي ڳوٺ ۾ آيس اُتي هڪڙو
شخص ڏٺم جنهن جو رنگ ڳاڙهو ۽ اکيون ڀوريون هيون قيافي جي علم
موجب سمجهيم ته اهڙي ماڻهوءَ ۾ احسان ۽ مروت جي اميد رکڻ نه
گهرجي آءٌ اڃان انهيءَ ويچار ۾ هوس ته هن شخص وڏي گهڻي قرب
سان اچي منهنجي آڌر ڀاءُ ڪئي ۽ وٺي وڃي پنهنجي جاءِ تي ٽڪايائين
۽ تمام گهڻي خدمت ڪيائين اهو حال ڏسي مون کي ڏاڍو ارمان ٿيو ته
ناحق مون علم پڙهڻ ۾ ايترا ڏک پسيم جو سراسر ڪوڙو آهي جيڪڏهن
سچو هجي ها ته هن ڙو ماڻهو هيتري مروت نه ڪري ها ماڻهن سڀني ڪتابن
کي پاڻي ۾ لوڙهڻ گهرجي ها ته بيوقوف ماڻهو مون وانگي مفت خراب نه ٿئي
رات ٿي ته صبح جو تان ملڻ جي تياري ڪيم ۽ هن شخص کي
چيم ته ميان تو منهنجي گهڻي خدمت ڪئي آهي جيڪڏهن مڪي شريف ۾
تنهنجي قسمت ٿئي ته محمد بن ادريس فلاڻي مڪتب ۾ اچي مون کي منهن ڏيکارج

ته هڪڙيءَ شخص ڏيسيءَ کي اهڙو پاليو آهي جو ڪو به ان جو شڪار
نٿو ڪري. بادشاهه حڪم ڏنو ته اهو شڪار ڏيسيءَ سوڌو وٺي اچو
آڻي حاضر ڪيائونس. بادشاهه چيو ته هڪڙيءَ کي به وٺي اچو. ته
تماشو ڏسجي. پوءِ هڪڙيءَ کي به آڻي بادشاهه جي اڳيان اڏايائون.
شڪاريءَ گوڙ ڪري مان ٿرائيندي ڪيڏي آئي ۽ تنگ مان ڏيسي باهر
نڪري ڪو به ڪيئن جي پنيان جيڏي به جو جلد اڏامي وڃي هن کي پنهنجي
اکين ۾ ڏنگ هڻي انڌو ڪري وڌائين. ڪو به ڪري پيو ۽ ڏيسي
اچي شڪاريءَ جي هٿ ۾ ويٺو. سڀ ڪي حيران ٿيا ۽ واهه واهه ٿي وئي
۽ عجب ۾ پئي شڪاريءَ کي شاباس ڏيڻ لڳا. بادشاهه حڪم ڏنو ته
چيلهه ٿي کي پهرين ڇڏيو پوءِ شڪاريءَ جا هٿ ڪپي ڇڏيو. سڀني
ماڻهن کي انهيءَ سخت حڪم تان ڏاڍي حيرت لڳي جو پڪ ۾ ان بادشاهه
هنن کي گهڻو انعام ڏيندو. چنگيز خان سڀني مجلس ڏي مخاطب ٿي چيو
ته جيڪو ننڍو وڏن سان سامهون ٿئي ٿو، انهن کي مغلوب ڪري
تنهن جو اها سزا آهي ۽ جيڪو نالائق ننڍي کي اهڙي تعليم ڏئي جو
وڏن سان سامهون ٿئي ۽ انهن تي غالب اچي تنهن جو اهو جوڳ آهي

نقل (١٣١) ڪنهن زال کي پاڙيچي زال سان دشمني هئي. سا هڪڙي
رات گهڻو شراب پي انهيءَ جي مستيءَ ۾ پنهنجي پٽ کي ڪهي جنهن زال
سان دشمني هيس تنهن جي گهر ۾ ڇڏي آئي ۽ صبح جو مٿس تهمت
رکيائين ته منهنجو پٽ ڪٺو آهي ۽ قاضيءَ کي وڃي دانهن ڏنائين. قاضيءَ
مدعا عليه زال کي پاڻ وٽ گهرائي ۽ خلوت ۾ ويهي گهڻو ڌمڪايائين ته سچ
ڪالهه نه ته قاسي ڏياريندوسانءِ. هن قسم کڻي چيو ته مونکي ڪابه خبر
ڪانهي. قاضي چيس ته پلاند منهنجي اڳيان اگهاڙي ٿي، ته سمجهان ته تون

بادشاهه سنڌ ۾ آهي ۽ غريبن جو وارث ۽ نه لٽو ڪري ٿو نه ته توهان هر دم ميان
۽ فرياد رس آهين -

سلطان اگرچه خود بين غافل مدام هي | ڪيا فڪر ذات حضرت حق لاينام هي
سلطان حرم خاص مين هي بند ڪر ڪي در | ليڪن تيري حرم ڪا سدا بار عام هي

ٻڌڻ سان ڪنڌ مٿي ڪنيائين ته ملا بادشاهه پڇيس ته ميان تون ڪير آهين
۽ توکي ڪنهن ڏکويو آهي جيڪو تنهنجو مطلب هجي سو چئو چيائين ته
بادشاهه جو هڪڙو امير جي ته ميرزا تنهنجو مصاحب آهي تنهن
جي گهر ۾ اچي غريب جي لڄ کي داغ لڳائي ٿو اچي ڪوشش ٿو ڪري جيڪا ته
اٿي موذي جي ايذاءُ کان توهان مونکي نه ڇڏائيندا ته قيامت ۾ توهان تي
دعويٰ ڪنديس پس بادشاهه کي انهي ڳالهه ٻڌڻ کان ڏاڍي غيرت آئي ۽
چيائين ته اهو موذي هينئر تنهنجي گهر ۾ هوندو چيائين ته پر سندس
ورڻ اچڻ ۾ ڪوشش ڪونهي سلطان چيس ته هاڻي فڪر نه ڪر
وڃ پنهنجي گهر ۽ جڏهن اهو ملعون ورڻ تنهنجي گهر ۾ اچي ته ڏس
جلد اچي مونکي ٻڌائج ۽ منهنجي ڪيرارن ۽ چوڪيدارن کي تاڪيد ڪيائين ته
هي ماڻهو جنهن مهل اچي ته ان مهل مون وٽ آڻجو حاضر ڪجو
هي بادشاهه کي دعائون ڏيندو موٽيو ويو - ٻه راتيون ٽيون ڏينهن
رات اهو بدڪار امير جڏهن ان وچاري جي گهر ۾ گهڙيو
ان جهٽ پٽ وڃي دلبر بادشاهه کي خبر ڏني سو هڪدم ته راءِ
سائين عليو ۽ جيئن ته اهو ڪتو هن مون کي ڏيکاري - تنهن
وڃي سندس گهر ۾ بادشاهه ڏٺو - سلطان هن کي ڇيو ته توهان
ڏيو وساءِ ۽ بات اڳيان ڏيئي هڪڙو ڏک سان ان شيطان اچي
سي لاهي وڌاءِ ورڻ ڏيو بار اچي اهو مونا ڏسي خدا تعاليٰ جو شڪر

نه ڄاڻندي آهن ته هنجي منت ڪرڻ ۾ ڪين گهٽائيندس انهي الهه بندي ڪهو
منجهي ويو ۽ چيائين ته هيستائين جي تنهنجون انهن متون ڪيم سو تنهنجو
بانهو هوس جيڪا سگهو ڪيا سو ٿي سگهي سو ڏو ليڪو ڪري ڏيندس اوهي وچ
عمر ۾ ڪا غفلت ڪئي باءِ جنهن ۾ پڇي جي ڇا ءِ پنج لکيل هوا تنهن
موجب نيڪي جيا لکيو ڪري سڀ پراڻيا ورتائين - تنهن اوهو
ڏاڍو خوش ٿيس ۽ ته سڄو جو محنت اجائي نه ويئي -

نقل (١٥) هڪڙي رات سلطان محمود غزنويءَ فجر تائين آرام سان
ستو پيو هو ۽ جڏهن اٿيو تڏهن رات جو بند ٿيڻ پيس ۽ اچي پڇيائين ته تڏهن
دل ۾ چيائين ته شايد ڪو ڏک ڪو ٻيو درد ڪان پيو آهيون ڇو مون جي اثر
مونکي بي آرام ڪيو آهي -
ستم رسيده اگر نيم شب ڪو آه ڪرين - تيري بجلي ساعالم ڪو خاڪ راه ڪري
يو تيرو آهي ڪه هرگز خطا نهين هوتا - تمام خلق کي ايڪ پل ۾ هي تباه ڪري
وچي چوڪيدارن کي هڪل ڪري چيائين ته هيڏي هوڏي ڇا جا ڏس ته نيازدي
نه ڪو دکي هي هيڏي هوڏي نهاري ۽ وري آيو چيائين ته سائين ڪا پهري ڪانهي
ڏسجي بادشاه وري وڃي ستو پر ننڊ نه آيس تڏهن وري به اچي نوڪرن کي
چيائين ته وڃي چڱي طرح جاچي اچو متان ڪو داد نه آهي هن وري به
هيڏي هوڏي گهڻو پند تائين نهاري پر ڪو نه ڏٺائون ۽ اچي چيائين ته
سائين مونکي ته ڪو مانهو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي بادشاه سمجهيو - ته
نوڪر غفلت ٿو ڪري سو پاڻ ڪنار ئي ڪڇ ۾ ڪري ٻاهر نڪري گولا
ڦولا ڪرڻ لڳو ديوان خاني جي پر ۾ جا مسجد هئي تنهن ۾ لنگهي وڃي
ڏسي ته هڪڙو شخص سر سجدي ڌري زار زار جيان اختيار ٿيو رڙيون ڪري ۽
خدا صاحب جي درگاه ۾ عرض پيو ڪري ته اي خداوند جيستوڻي زماني جو

جيا مدد ڪرڻ لاءِ هيچ سارو پاڻ لاءِ واجب ٿو سمجهن، ۽ غير مذهب
ماڻهوءَ کي قرب ماريندا، اسانجي مذهب ۾ حلال آهي ۽ انهيءَ جي مدد
۾ پستي ڪرڻ حرام. منهنجي مذهب جو اهو عقيدو آهي
ماڻهو تون پنهنجي ذات جي پرواهه پاڻ جيو، ته سڀ خلق سان
ڀلائي ڪرڻ کان منهن نه موڙ. گهر دوست ته ڇا، پر دشمن سان
به احسان ڪرڻ ۽ جيڪي جا عيب ڍڪڻ کي ڪرڻ آسان جي
دين جو شيوو آهي نيڪي ۽ بدي جو پاڻ ئي خدا صاحب ٿو ڏئي
جيڪو جهڙي ڪندو سو تهڙي پائيندو. ان ۾ يهودي چيس ته
تنهنجو ڌرم چڱو آهي پر تون اٿي هلي ڪين ٿو؟ چيائين ته يهودي
چيو ته ڏس، ته آءٌ توجهڙو ماڻهو اڃ جو پيرين اگهاڙو پيرين
۾ لڙهو ڪري نه ٿو سگهندو پيادو پنڌ ڪندو وڏي مشڪل سان
ٿو هلان. ۽ تون کاڌي پيتي جا سامان سان پلي اٺ تي چڙهيو
مزا ماڻيندو هلين، مون کي ته کاڌي جي صلاح به ٿو ڪرين. ۽ پر نه گهڙي
ساعت اٺ تي لڳاتار هلين، تنهن ڪري سمجهو ته پنهنجي مذهب
تي پورو آهين (گفتن و کردن فرق دارد) مرديءَ گهرجي
ته جيڪي پوءِ سو ڪري. پاڻ اهڙا لهي ٿي اٺ تان لهي پيو ۽
هن کي ملائي ڪار جا دو ڪرائي چيائين ته پاڻ هاڻي تون پنڌ گهڙي ساعت
اٺ تي چڙهي هل ته پل تنهنجو تڪ به جي لوءِ يهودي اٺ تي چڙهيو
۽ مجي پيادو ساڻس گاڏيون ڪندو هليو. يهودي مٿئين ڏنو ته
مان مجي ٿڪو آهي تنهن ونيءَ اٺ کي ڪاهيائين ۽ هن ويچاري کي ڇڏي
ڊوڙڻ لڳو ڪاهيو ويو ته هو ٿڪي ٿي پيو. مون کي هيڪلو ڇڏي
نه ڪو پهچي نه مار ۾ هن ريگستان ۾ سج جي آب جا وڳڙ سان نه و

۾ شعر اچڻ جو سبب وڃي انداءِ فريادي ڪي ڇپاءِ ته هنن جيڪو ڪاڄ
تنهنجي گهر ۾ موجود هجي سو ڪٿي آڻي هن وچاريءَ حال ساري وڙڪا
ٿي آڻي آڳيائنس رکيا سي اهڙي شوق ۽ ذوق سان ڪاڻ لڳو جو
جن ڏکوئيندا وينو ڪاڻي هن غريب هٿ ٻڌي عرض ڪيس ته اي جهان
پناه ڏيو وسار اچي ويريءَ پاران ۽ فقير لٽا رهاڻ ته اهڙي خوشيءَ سان
ڪاڻ جو ڪهڙو سبب آهي ڇپاءِ ته جنهن وقت تو مون ڪان الضاف ڪمري
تنهن وقت کان مون پنهنجي دل ۾ انجام ڪيو هو ته جيسين اهو شهر تنهنجي
سرتان نه تارينديس تيسين ڪاڏو ڪاڻ حرام آهي تنهنڪري ٻڪي جي ٻڪلي ۾
رهڻ ته اهڙي خوشيءَ سان ڪاڏم مڻ ته مرع - ڪو ڪته راڻا تهي ڪو ته سڀ
۽ مون ٻانيوتي ته منهنجي اپٽ ڪان سواءِ ٻي ڪنهن ڪي ايتري طاقت نه
آهي جو باوجود هجري شاهجهان ۽ بند ۽ بست جي هجري حرڪت
ڪري سگهي - سو ڏيو وسار ايم ته ڇا پٽ جو منهنجو ڏسنديس ته پنهنجي ڏي
شفقتنا ڪان ڪيس اماري نه سگهنديس پر جڏهن ڏيو ٻار اچي ڏنم ته اُو
منهنجو پٽ نه آهي ته هن شهر انا ڪيم -

نقل (٢٦) ڪنهن بيابان ۾ ٻاپڙ ۽ يهودي اچي پاڻ ۾ گڏيا
۽ سنگت ڪري جي مليا ٻاپڙ آسودي حال ۾ آيا ٻئي سيرن ۾ ڪاڏي
پيتي جي سامان سميت هڪ هيل اُن تي هو يهودي ڪنڌ لاپالوءَ ۾
ٻي سمر و پيرين آگاڙي پيادو پنڌ ڪندو هليو ٻاپڙ پڇيس ته
تنهنجي دين مذهب جو اعتقاد ڪهڙو آهي پيار ۽ منهنجو دين مذهب
هي آهي جو خالق رزاق اچي فضل ۾ هميشه اميد وار آهيان ۾ آهي
ڪان سواءِ ٻيو ڪو معبود ۽ پوڄا جو لائق نه آهي آئي مدد سان سب
ڪسي ڏي سگهي تو هميشه اُن کان پناه پيو گهران پنهنجي دين پالڻ

نقل (٧) عيسوناليءَ هڪڙو شخص ڳالهه ٿو ڪري ته حجاج
بن يوسف هڪڙي ڏينهن ڏهن ڄڻن جي جماعت کي سزا ڏيڻ لاءِ
اچلايائين هڪڙي ماڻهوءَ کي سڪت ڏيئي هئي ته مٿان بانگ اچي تڏهن
مون کي ڇڏجاءِ ته هنن وقت تنگ ٿيو آهي سو تون هن ماڻهوءَ کي
نظر ۾ رکجانءِ سپاهي اچي حاضر ڪيو ته آءٌ منهنجي پاڙي سان وڃي اچي مليس
وات ۾ مون کي ڇڏجاءِ ته آءٌ اميد ٿو رکان ته تون مون تي هڪڙو
ٿورو ڪندين مون جهڙو ماڻهو ته جي منهنجو الله تعاليٰ توفيق ڏيندو ته آءٌ
قصور نه ڪندس - تڏهن ڇڏجاءِ ته آءٌ انهي جماعت جو سنگتي نه
آهيان ناحق جهليو آهيان خدا ۾ اميد اٿم ته انهي عذاب کان رکي
وٺندو ۽ تون مون تي اهو احسان ڪر جو اڄ رات ڇڏي ڏيم ته منهنجي
گهر وڃي ٻارن ٻچن کان موڪلائي وصيت ڪري صبح جو سوير
تو وٽ اچي حاضر ٿيندس مون کي انهي ڳالهه کان کل آئي ۽ ڪا ورندي
نه ڏنيمانس وري به ساڳيو عرض ڪيائين تڏهن منهنجي دل ۾ به
خيال اچي پيو ته هن کي ڇڏي ڏيان خدا ڄاڻي ته اهو آهي ته صبح جو پيشي
وري ايندو - پوءِ صبح جو ورائي اچي ڏٺم جو ڪيو اقرار وٺي
ڇڏي ڏنو مانس هو جڏهن هليو ويو تڏهن مون کي ڏاڍو ارمان ٿيو
ته جي هو ناحق ڇڏيو مانس هو منهنجي اساهه جي دپ کان هيڏانهن
وري ڪين منهن ڪندو انهي عيوض ۾ حجاج مون کي مارائي
ڇڏيندو آءٌ انهي فڪر ۾ موڙهل گهر آيس ۽ اهو احوال منهنجي
زال سان ڪيم سا اها ڳالهه ٻڌي رڙ پئي ۽ مون کي چنبڙي لڳي
ته تنهنجي مت ڪٿي هئي ڇا هو پرائي بلا پنهنجي سر تي وڌءِ -
سڄي رات پرپاس تام ۽ واويلا ۾ گذاريسون ڪنهن جو ڪائي ٽڪاڻو نه بند
جڏهن پره ڦٽي تڏهن پئي مون لاءِ قيامت ٿي - صبح سان
اهو شخص روشن دل مون جي امل وٽ اچي حاضر ٿيو - مون کي

مون توسان نيڪائي ڪئي آھي تنھنجي عيوض توکي بچائڻ جي ڪرڻ
لائق نہ آھين ڇالاءِ مون توکي سو پرھيزگار ڏٺو بلڪ اھو نہ غير مذھبيا
ماڻھو جو مال ۽ خون اسانکي ملڻ جي ڪڏھن بہ وڏي ڪوشش ڪئي آھي اُن
جي اُن کي تمام ڪوھ ڪاھياءِ ھي گھوڙي پنھنجي دوستن پيري ۾ سگھيو
آخر ھو سنڌ ۾ نظر ڪان غائب ٿي ويو پاڻ اتي ھتان دوست ٿي ڏسو
تہ ھن آسمان ڏي نھاري جھوٽ نگر نہ ڏي ڏٺي منھنجا مون ڄاڻن
سان جيڪا ڪئي آھي سا ھن آسري پائي نہ توھان تنھن کي اجر بچڻ
کي سزا ڏيندڙ جيڪي ھر مسلمان نظر آھن - سو انھي سنھنجي
موچاري پيساھ کي ڪو توھ مڪري ۽ ھن رغائز کي بلڪ ھي سزا ڏي -
اُن جيئي ڏٺن تن ھو پاڻ رستي ۾ رھڻ لڳو ايمان
ڪري بہ ڪو ڪيا ۽ تہ ڏسي نہ ٻھو ڏي ڪي اُت تيرانجي پت ٿي ھنيو
آھي سو بيئي پاسي يون ڇيو پيون اُنس اُجي بہ نہ توسگھي ۽ اُن پير
۾ پيسو اٿس ھن امو حال ڏسي پنھنجا شڪر ادا ڪيا ۽ اُن کي
وٺي منش جو ھي ھٿين جيئي ھلڻ لڳو -

ڪام جو حق کي حوالي ھو نہ دھوڪا پاوي + ابر رحمت سي ڪھين باغ جي سوڪا پاوي
تلمذ ڪشتي اميد ڪا جو ھو وي خدا + ڪس طرح باد مخالف سي وہ جو ڪا پاوي
تہ ھن ٻھو ڏي ھڪل ڪري جيڪي پيس تہ سائو مون توسان بچائڻ کي
تنھنجو قول مونکي ملي ۽ تنھنجو بہ ڪجھ نقصان نہ ٿيو ھاڻي مونکي
ھتي جھنگ ۾ ڇڏي وڃڻ تنھنجي دين ۾ درست نہ آھي - ۽
ايتري قدر ڳالھ ٿي ۽ ڏاھون ڪيا ۽ جو پاڻ کي پاڻ ڇوٽيا
وڃي تنھن وقت بہ اُن جي جاءِ ھئي وڃي سنڌ ۾ گھر ڏاري
ڇڏيس - جڳ کي جڳائي مدد کي مدائي -

هيستائين ڪٿڙي قدر رکيل هئي تنهن تي لکيل هو ته آخر زماني ۾
ٻني سگهوري جي چاچي اولاد مان هڪڙو شخص منهنجي ڏسڻ
لاءِ ايندو ۽ منهنجي سڀ ڪاپيون تڏهن منهنجو ڀي جان قالب اُنجو
تواضع بجاءِ آڻي نه سگهندو تنهنڪري آءٌ اُن جي مهماني لاءِ هن
قبي جي ولدني پاسي خزانو موڻ امانت رکايو آهي سو کڻي
وڃي پنهنجي ڪم لائي ۽ مونکي معاف ڪري خليفو اُهو خزانو
ڪڍائي آيو اُهي ڪري بني عباس گهراڻي جي دولت گهٽي ٿي۔
نقل (١٩) تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جهان جي آبرندي
يشفڪ وذي سمنڊ ۾ آچين نالي هڪڙو ٻيٽ آهي اُتي جي
بادشاهت عورتن جي هٿ ۾ آهي جيڪا عورت تخت تي ويهي ٿي
سا پنهنجي پڻ ۽ مٿس ڪان سواءِ ٻيا ڪپڙو جيون تي ڪري۔
اُتي جا سڀ رهاڪو دنيادار آهن سندن ڌنڌو وکپتي ۾ زميداري آهي
مسڪين ۽ پينو اُتي نالي کي به ڪونهي ۽ انهن جا باغ اُتي گهڻا آهن
اُنهن ۾ ٻارهوئي قدر ميوو ٿئي ٿو ۽ اُتي هميشه مينهن پيو وسي ڪافور
جو ڪهڙن وڻ جو ڪونه آهي سو به اُتان نڪري ٿو ۽ اُتي هڪڙي
نهر آهي تنهن ۾ جيڪو بيمار وهنجي ٿو سو جهٽ پٽ چڱو ڀلو ٿيو
پوي ۽ بيماري جو ڪو نشان نه ٿو رهي -
نقل (٢٠) سلطان زين العابدين کي اهڙي بيماري اچي ٿي جو
سڀ حڪيم طبيب اُنجي علاج ڪان عاجز ٿي پيا هڪڙي ڏينهن ڪو
جوڳي چيلي سميت بادشاه جي ڪچهري ۾ آيو ۽ هن کي چيائين ته گهڙي
ساعت کن خلاصي جاءِ ۾ هلو ته پل ۾ اِنهي مرض کان توکي ڇڏايان
اهڙي ڳالهه ٻڌي بادشاهه جوڳي ۽ چيلي سان گڏجي ڪنهن خلاصي
جاءِ ۾ ويو گهڙي کان پوءِ جوڳي ڪري بيهوش ٿي مري ويو پيو ۽
بادشاهه کي بيماري ڇڏي ويئي پوءِ چيلو جوڳي کي کلي ٿي ڪيئن ويو

ڏاڍو عجب لڳو ۽ چيو ماڻس اي مولان مرد مي تنهنجي نهايتا مرات
آهي جو پنهنجي ساه جو ڪي سانگو نه اٿئي چياءِ ميان جو ماهو جل
تعالیٰ کي حاضر ناظر ڄاڻي ٿو تنهن کان وعدي خلافي ڪڏهن به نه
ٿيندي سڀ جهان لرزي ويندو ته به هو ثابت قدم رهندو -
مطلب ته سنجهي ٻتا مون سان پيو حجاج وٽ ويو ۽ ويو ماڻس
۽ من جي ڇڏي ڏيڻ ۽ وري اچڻ جو سمورو احوال بادشاه
حال بتاه ڪي ڏنائين - تنهن چيو ته اهو شخص مون توکي بخشيو -
جنهن وٽي تون ڪري پنس تڏهن مون منکي ڇڏي ڏنو - ۽ هو
هليو ويو ۽ سنجهي ڪا شڪر گذاري ڪان ڪياءِ تڏهن مون
پانيو ته شايد چور دو آهي ٻي ڏينه مونوٽ آيو ۽ گهڻي نياز سان
جوڙ لڳو تڏهن مون توهانجي شڪر گذاري من سبان نه ڪئي
جو ڪي الهو ڪو سڄو ڏينهن خدا صاحب جي شڪرانجي ۾ مشغول
هوس ۽ جاطرح جو جيڪي ٿيو سو اُن جي مهرباني سان ٿيو اج
توهانجي خدمت ۾ آيو آهيان ته اوهانجي حق شناسي بجاءِ آڻيان
مون ٺهيو سچ آهي ڏڻي مهربان ته جڳ مهربان

نقل (١١) تذڪره شمشير خاني ۾ لکيل آهي ته نوشيروان بادشاه
جي قبي جي اڳرڻ ۾ جو جبل جي چوٽي تي آهي چار سوار هشيار
سان سنبريل طلسم جا بنايل تراريون ڪڍيو بيٺا آهن - جيڪو
اُتي ويجهو ٿو تنهن سان وڙهن ٿا - خليفو مامون رشيد بغداد جو
بادشاه مجاورن جا سونهپ سان جو انهي طلسم جي ايذاءُ دفع
ڪرڻ کان واقف هو اُنهي قبي ۾ ويو ته نوشيروان جو قالب ڪڙي
جڙاءُ تخت تي ويٺو آهي ۽ سڀ عضوا صحيح سلامت اٿس مگر
ڪپڙا اجهو ناڻي ويا اٿس - هن نئون لباس مشڪ ۽ عنبر ۾
معطر ڪرائي انهي جي جان قالب کي ڍڪايو - نوشيروان جي گوڏي

حضرت سليمان عليه السلام کي سڏ ڪري چيائين ته پروردگار عالم جي اڄ مون کي تنهنجو مهمان ڪيو آهي آءٌ اهيان اڃا ڏئي اٿو ته ڪين ڪيو آهيان سگهو ٿي مون کي کارائي، اهو حال ڏسي حضرت سليمان عليه السلام رب رزاق جي درگاه ۾ عاجزي جو عذر بجاءِ آندو ۽ اهو جانور پاڻي ۾ ٽپي ويو.

فصل ٻيو

لطيفن جي بيان ۾

لطيفه (۱) حديث ۾ آهي ته هڪڙي ڏينهن ننڍپڻ ۾ حضرت امام حسين رضي الله تعالیٰ عنه پاڻ پنهنجي ڪي چيو ته نانا اُن جي چيڙهان پاڻ فرمايائون ته اي ٻچڙا تنهنجو اُن تيان مون کي چڙهه لوءِ امام سڳورو اٺ کي هلي ٿي چاڙهي ڇيڏي هوڏي هلڻ لڳا تڏهن امام صاحب چيو ته اُٺ کي مهار ڏيندي آهي منهنجي اُن کي مهار ڪانهي. پاڻ پنهنجي سنڌن زلف مبارڪ مهار ڪري ونهن کي هٿ ۾ ڏنس. ورِي امام سڳوري چيو ته اُٺ رڳندو آهي ۽ منهنجو اُٺ آواز ڪون ٿو ڪري. تڏهن پاڻ پنهنجي آواز ڪريائين فرمايو ته عفو بخش ڪر) انهي دم حق جي نازل ٿيو چيائين ته ربّ تعاليٰ اوهان کي سلام بعد فرمائي ٿو ته پنهنجي زبان کي سنڀاليو. آوازن هڪڙي ٻيڙي عفو جو سان منهنجي رحمت جا دريا اهڙي قدر جوش ۾ آيا آهن جو جيڪڏهن ٻيو پيرو آئين چوندو ته اڳين پوئين سڀ خلق بخشيا ويندي ۽

سنڌس علاج ۾ مشغول ٿيو آخر اهو بہ ٿورن ڏينهن ۾ چڱو
ڀلو ٿيو - انهي عمل جي سبب جوئن جو ٻيءَ ٻلا کي پاڻ ڏي
ڇڪيو ته اوندا هي عمل ڪري آهو ته سگهي جنهن پنهنجي نفس کي
پاڪ ڪيو آهي -

نقل (٣١) ڪوٽ ڪانگڙي جي جبلن ۾ هڪڙي قسم جا ننڍا
ڪنيان آهن جيڪو ماڻهو پير اُگهاڙو اتفاق سان اُتي وڃي ٿو
نڪري ته اهن مان ڪو ڪنيون اُنجي پير جي آڱر ۾ چهٽي
ڇڏي رت ٿو پيئي آگرچہ هو انکي گهڻو پاڻ کان ڇڏائي ٿو پر
هو اهڙو چهٽي ٿو وڃي جو جدا ٿي نہ ٿو سگهي ۽ آهستہ رت
پي ڪري جيڏو وڃي آگر ان کي گهو وجهي ٻوڙ جهٽ پٽ وڏي
ٿي پير کي ڪٽي جيڏو ٿيو پوي آخر ڦيٿن جيڏو وڃي ٿو تمام
جو سڄو جسم ڳهو وڃي ۽ جهنگ ۾ پيو وڃي وڃي - اُن
آفت کان ڇٽڻ جو هڪ علاج آهي جو جڏهن ڪنيون سنڌس
آڱر کي اچي چهٽي تڏهن جهٽ پٽ آڱر کي ڪپي وجهي ته ٻوڙ
ڇٽي پوي -

نقل (٣٢) حضرت سليمان عليہ السلام کي هڪڙي ڏينہ
اهو پورا چاپيو ته خدا جي سڀ خلق کي دعوت ڪجي ديون
کي حڪم ڪيائين ته درياه جي ڪناري تي ڪاڄ پچائڻ جو سامان
وڃي گڏ ڪريو جڏهن تمام پچائڻ گهڻو سامان گڏ ڪيائين تڏهن
حق تعالى جي درگاه ۾ عرض ڪيائين ته اي رب ڪير مهرباني پنهنجي
مخلوقن کي سڀني ڪانئي اٿو ڪل ڀيري ۾ هڪڙي جانور
درياه مان مٿو ٻاهر ڪڍيو ۽ وات پٽي ڏني هيو حضرت سليمان عليه السلام
حڪم ڪيو ته جيڪو ڪاڌو پيتو موجود آهي سو سڀ هن جي وات ۾
وجهو جڏهن سمورو ضيافت جو سامان اُنجي وات ۾ وڌائين تڏهن

مڙسن کي ٻي فضيلتون عطا ڪيون آهن تنهن زالن کي ڪجهڙي
به نصيب ڪين ٿيون. هڪڙو ته مڙس عقل ۾ ڪامل آهي ۽ زالون ناقص
جهڙيڪري ٻن زالن جي شاهدي هڪڙي مڙس جي شاهدي برابر
آهي. ٻيو زالون دين ۾ به مڙسن کان گهٽ آهن جو حيض ۽
نفاس جي ڏينهن ۾ روزو نماز ڪري نه ٿيون سگهن. ٽيون
ڪنهن به زال کي نبوت نه مليل آهي. ٻيا جيئن ته زالن کي
به اهڙيون ٻه فضيلتون مليل آهن جي مڙسن کي مليل نه آهن
هڪڙو ته زالن ۾ ڪڏهن ٺڳي نه آهي ۽ مڙس ڪيڏا ته بيشڪ آهن. ٻيو
ته ڪنهن به زال پاڻ کي الله نه سڏايو آهي اهڙي ادعا رڳي مڙسن
ڪئي آهي. ٽيون سڀ نبي زالن مان پيدا ٿيا آهن.

لطيفه (٦) خليفي هارون رشيد وقت هڪڙي شخص اچي
نبوت جي دعويٰ ڪئي. چيائين ته آءٌ نبي آهيان. تڏهن خليفي پڇيس ته
ڪو معجزو ڏيکار. چيائين ته جهڙو معجزو چئو اهڙو ڏيکاريان. هارون
رشيد چيس ته تون هن پنهنجي لٺ اڇلاءِ ته نانگ ٿي پوي. جيئن
حضرت موسيٰ ڪيو هو. هن چيو ته حضرت موسيٰ عليه السلام
جي لٺ تڏهن ٿي نانگ ٿي جڏهن فرعون خدائي جي دعويٰ ٿي
ڪئي. تون به جي اهڙي دعويٰ ڪرين ته منهنجي لٺ به نانگ ٿي پوي.
وري بادشاه چيس ته ڀلا معجزي سان پڪل گدرو پيدا ڪر. چيائين ته ٽن ڏينهن
جي مهلت ڏيو. خليفي چيو ته هينئر جو هينئر حاضر ڪر. چيائين سائين ته
عجب بي انصافي جي ڳالهه آهي جو الله تعاليٰ باوجود هيڏي قدرت
جي به جيسين ڇهه ماهين سيڪي نٿو گدرو پيدا ڪري ۽ اوهين مون کي
ٽن ڏينهن جي به مهلت نٿا ڏيو. اها ڳالهه ٻڌي خليفي کي کل اچي
وئي. سمجهيائين ته هي ڪو ظريف ۽ مسخرو ماڻهو آهي. لوءِ هن جي دعويٰ کان توبه
ڪرائي انعام اڪرام ڏيئي خوش ڪري ڇڏيائينس.

سڀ دوزخ خالي رهجي ويندا ـ

لطيفه (٢) هڪڙي ڏينهن پاڻ پلن جي دل مبارڪ تي امت جو
فڪر اچي چڙهيو جنهن جو اثر پيشاني مبارڪ ۾ ظاهر ڏسڻ ۾ پئي
آيا يارن اصحابن مان ڪنهن کي اُنجي سبب پڇڻ جي طاقت نه هئي
حضرت ابوذر رضي الله تعالى عنه صلوات بعد عرض ڪيو ته يا
رسول الله صلى الله عليه وسلم مون ٻڌو آهي ته دجال جي واري
۾ سخت ڏڪار پوندو ۽ جيڪو اُن کي مڃيندو تنهن کي هو طرحين
طرحين نعمتون ۽ خزانا ڏيندو ۽ قسمين قسمين کاڌا کارائيندو ـ اي
جي اُن وقت ۾ هوندس ته سائنس ظاهر جا دوستي رکي ڪين ڇڏيا
ڪائي پوءِ منڪر ٿي ويندو سائنس ـ اها ڳالهه ٻڌي پاڻ پلا مرڪيا
۽ خوش ٿيا فرمايائون ته جي تون اُن کي ڏسندين ته به تڏهن تعالى
توکي اُنجو احتياج نه ڏيندو ـ

لطيفه (٣) هڪڙي ڏينهن پاڻ پلن کان هڪ پوڙهي زال پڇيو
ته ڪا به پوڙهي زال بهشت ۾ نه ويندي تڏهن اُها زال ڏاڍي
ڏکوئجي پيو ته سڀ پوڙهيون زالون ڪهڙو ڏوه ڪيو آهي جو اُنهن کي
بهشت نه ملندو پاڻ مرڪي فرمايائون ته الله تعالى جل شانه
پوڙهين کي جوان ڪري بهشت ۾ نيندو ـ

لطيفه (٤) جنگ ۾ ڪنهن صحابي جي اُٺ جي ٽنگ ڀڄي پئي ـ
ته اچي پاڻ سڳوري کان اُٺ گهريو پاڻ فرمايائون ته توکي اُٺ
جو ڳورو ڏيون مُن عرض ڪيو ته سا ڳورو مونجي ڪما اچي ڪين
سگهندو تڏهن پاڻ پلن مرڪي فرمايائون ته اهو ڪهڙو اُٺ آهي
جو اُٺ جو ڳورو نه آهي ـ اها ڳالهه هئي ڪهڙو پلو مٽارو اُٺ کيس
اُن کي عطا ڪيائون ـ

لطيفه (٥) ڪنهن مائيءَ کي رابعه بصري کي چيو ته الله تعالى

ائين اچي فقير هليو ويو.

لطيفه (١٠) يعقوب لئث اصل مسگرن ماڻهو هو بادشاهي جي ڏينهن ۾ سيستان جي هڪڙي تونگر تي ڪاوڙجي اُنجو سمورو مال ضبط ڪري ڇڏي فقير ڪري ڇڏيائين. سو هڪڙي ڏينهن ونس آيو تڏهن اُن کان پڇيائين ته اڄ ڪهڙو حال اٿيئي هن ورندي ڏني ته ساءِ جهڙو ڪالهه تنهنجو حال هو بادشاهه چيو ته ڪالهه منهنجو ڪهڙو حال هو تنهن چيو ته اڄ جهڙو منهنجو حال آهي بادشاهه اهو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سموري ملڪيت کيس موٽائي ڏنائين.

لطيفه (١١) سڪندر بادشاهه جنگ ۾ پنهنجي گهوڙي تي چڙهيل هو ۽ پنهنجي لشڪر کي پيو ڏناءِ واٺاءِ ته هڪڙو سپاهي اپري ۽ مندي گهوڙي تي سوار ڏٺائين تنهن کي اهڙي ڪاوڙ آئي جو اُنکي گهوڙي تان ڪيرائي ڪي پٽ تي هڻائين تڏهن اُن کان کل نڪري ويئي بادشاهه چيس ته کلين ڇو. چيائين ساءِ جي ڪاوڙ تان کليس جو توهان پنهنجي گهوڙي تي سوار آهيو ۽ ڏي گهوڙي لئي ڦوار تنهن هوندي به مون تي حسد ڪريو ٿا بادشاهه کي اِهو نڪتو وڻيو جنهن ڪري اهو سندس امير ٿيو.

لطيفه (١٢) هڪڙي فقير وڃي ڪنهن درجي مالي جي سڻ منين. هڪڙي سنگهري اچي فقير کي چيو ته هنن مالي ڪانهي تڏهن فقير چيس ته لوڙ ڪتا آهي ڏيم جو ڪري چيو ته اُهو به ڪونهي ورڇي چيائين پلاءِ پاڻي ڏيڪ آهي پيار چو ڪجهه پاڻي ڪون آهي تڏهن ورهي فقير چيس ته ماڻهن ڪڏهن آهي چياءِ ڪنهن جي ماتم پرسي لاءِ ويئي آهي فقير چيو خود اوهانجو امڙو مان آهي جو ٻيا ماڻهو اوهانجي ماتم پرسي ڪن. ائين چئي

لطيفه (٧) ڪنهن ماڻهوءَ قاضيءَ کي اچي چيو ته ساءِ ڪارڪون
حلال آهن يا ڪين؟ قاضيءَ چيو بيشڪ حلال آهن. وري هن چيو
ته جيڪڏهن جو بيج ساڻن ملائجي ته ڪين؟ قاضيءَ چيو ڪا
حرڪت ڪانهي. تڏهن وري به هن چيو ته اُهن بنهي شين سان
پاڻي ملائجي ته پوءِ ڪين؟ قاضيءَ چيو ته ڪو فڪر ڪونهي.
تڏهن هن چيو ته ساءِ شراب به اِهن ٽن شين مان ٺهي ٿو
پوءِ ڇو حرام آهي؟ قاضيءَ چيو ته ڌوڙ جي مٺ ڪنهن تنهنجي مٿي
تي اڇلڻ ته توکي ڪو ايذاءُ ٿيندو؟ چياءِ ته وري پڇيائين ته پاڻي
۾ گوهي پوءِ مٽجي ته ڪين؟ چياءِ ته به سور ڪونه ٿيندو. وري
چيائين ته جي پاڻيءَ ۾ گوهي سڪائي پچائجي سو ڪير تنهنجي مٿي
تي هڻجي ته سور ٿيندو؟ چياءِ تڏهن ته مٿو به ڦاٽي پوندو. پوءِ
قاضي چيس ته شراب جو به اِهو دستور آهي -

لطيفه (٨) ڪنهن بادشاهه کي اچي اکين ۾ سور ٿيو، طبيب
ڏسي ڏنس ته ساءِ پيرن کي ڪئي مينڌي لائجو ته سور جهڙي وڃي
تڏهن خواجه سرا طبيب کان پڇيو ته پيرن کي اکين سان ڪهڙي
نسبت آهي؟ حڪيم چيو ته پيرن کي اکين سان اهڙي نسبت آهي
جهڙي اصين کي ڏاڙهي سان. هُن ته خواجه سرا ائين ٻماجو تڏهن
خصبا ڪي ڇڏيندا آهن تڏهن اُنهن کي ڏاڙهي به نه ايندي آهي. بادشاهه
کي اهو جواب ڏاڍو وڻيو، طبيب کي گهڻو انعام ڏناءِ -

لطيفه (٩) هڪڙي فقير ڪنهن در تي اچي سوال ڪيو. ٻانهي
ورندي ڏنيس ته ڌڻي گهر ۾ حاضر نه آهي هليو وڃ. ايتري ۾ مالڪ
جي لڱ لڳ جو آواز اُن گهر مان ٻاهر ۾ آيس، تڏهن ٻانهيءَ کي
چياءِ ته هي پادر ڪنهن جي مٿي تي تاڪين؟ ٻانهي چيس ته ڪنهن لڳ جهري
فقير چيا مٿي تي - ته اُن کي ٻانهي سان ورندڻ يا ٻڌيائي سان

اڌ سير اٽو ۽ آنو گهوڙو ڪٺو وهوس ۽ آڻي اٽي جو ۽ اڌ سير گهيءَ جون
ڪڍهن ڪوڙ ويو ته اهي تو هميشه ڪوڙ ڪري ماڻهو فقير آهن
ڏاڍو ڪوڙ دغاباز ٿو ڏسجين نيٺ اُهن جي ٺهرايل اچي بيا
ماڻهو ڳڻ ٿيا ته سپاهي کي سچو ڪيو ۽ معني مومنه ڪيا ڀرتيو
لطيفه (١٦) هڪڙو آفيمي کوه ۾ ڪري پيو - اتفاق سان
هڪڙو واٽهڙو به اچي اُن کوه ۾ ڪريو آفيمي پڇيس ته تون
ڪيئن ڪريو ته آءٌ واٽهڙو آهيان آفيمي چيس ته تڏهن ته
ڀلائي ڪري گڙ ڏرو ته ڏيم۔

لطيفه (١٧) هڪڙو مختيارڪار صاحب سيٺ هن سان چرچا
ڪندو هو ته هن کي زميندار جو نالو خضر صاحب ڪهو - هو
ويچارو زميندار جيت ماڻهو هو سو خضر لفظ جي ڇڪي معني پائين
خوش پيو ٿيندو هو هڪڙي ڏينهن کي ماڻهو سمجهايس ته
يار سيءَ ۾ خضر چوڻ ڪا آهن گڏ لائڪي - هي اهڙا ڳالهه ٻڌي سڙي ويو ۽
دل ۾ چياءِ ته ڪاردار کان انهي چٽ جو عيوض ڪل ان شاء الله
ضرور وٺندس هڪڙي ڏينهن مختيارڪار صاحب وٽ ڪچهري
لڳي پئي هئي ۽ سڀ يار دوست مجلس ۾ ويٺا هوا ۽ اُهو زميندار
ڪاردار جي ڪچهري ۾ ٿي آيو ته هن ڪاردار کيس پري کان ايندو
ڏسي پنهنجن دوستن کي چيو ته اءُ هنکي خضر صاحب سڏيندو
آهيان جنهن ڪري ڏاڍو خوش ٿو ٿئي ايتري ۾ هو زميندار به اچي مجلس
۾ ويٺو ته هن مختيارڪار چيس ته اچو خضر صاحب پاڻي ڪري آيو
گهٽ ڏينهن کان پوءِ آيو آهين خوش ته آهيو ته هن مهل هن پڇيس
ته اهڙيون ڳالهيون خلاف مڪي مختيارڪار گهر جن مختيارڪار چيس ته تون
خضر جا ڪهڙي معني تو سمجهين چياءِ ها ٿو سمجهان ته خضر نالي کي
چوندا آهن تڏهن سڀ ماڻهو کلڻ لڳا ڪاردار پنهنجي ڪار جو ڏاڍو

هليو ويو فقط -

لطيفه (١٣) ڪنهن بادشاهه ڪنهن نجوميءَ کان پڇيو ته اڳ
آءٌ مرندس يا منهنجي راڻي - نجوميءَ چيو ته منهنجي راءِ آهي اڳ ۾ مرندي
ماڻهن پڇيس ته ڪهڙي آڌار تي اهو جواب ڏنئي چيائين ته جيڪڏهن
اڳ ۾ راڻي مئي ته آءٌ سچو ٿيس ۽ جي اڳ ۾ بادشاهه مئو ته پوءِ مون
کان پڇندو ڪير -

لطيفه (١٤) ڪنهن ملان شاگرد کي چيو ته حساب ته سکين
پارسي پڙهين چيائين ته پارسي پڙهڻ ۾ ڪهڙو نفعو آهي
اُستاد چيو ته حساب سکڻ ۾ ڪهڙو فائدو آهي - چيائين ڪهڙو
ته ڪوڙي ملندي - قيامت جي ڏينهن خدا تعاليٰ وٽ حساب ڏيڻو
پوندو ته تنهن ڪري سکي ٿو - جڏهن ته اُتي حساب ڏيڻ ٿي پوندو

لطيفه (١٥) ڪنهن بخيل وٽ هڪڙو نوڪر هو ته وچاري
کي ٻه ٽي مهينا پگهار ڪونه مليو هو لاچار هڪڙي واٽ
وٺان وڃي ڪنڊو ڪنياءِ واٽ سمجهو ته هي جيتا آهي تنهن ڪري
جيڪي ڏٺئي سو ٽيس سوٽي لڪياءِ هڪڙي ڏينهن واٽ ڪنهن گاله
تان سپاهي کي چيو ته ميان مهڪو موڪلان ڪنڊو ڪٽين تنهن کان
بيٺا ٽيٺا پئسا ٿو ڪيڏان سپاهي چيو ته ڪنهن مڙس ان کي ته پوءِ
رڳا جيت ٿيا آهي - هي ٿما ٽي اڌ سير آٽي جو ۽ اٽو گهرجو واٽ
کان وٺندو هو مهيني کان پوءِ روز آٽو آهي هوا اڌ سير گهرجو واٽ
کان وٺڻ لڳو مهيني پڇيس ته هي ڪهڙو ڪنڊو ٽوڪين -
سپاهي چيو ته ڇيڪي وٺي سو ڪنان ٿو ڪي پئسن سان مطلب
گهرجي ڏينهن کان پوءِ جڏهن ليکو ڪياءِ ته ڏنهن واٽيو رقمون پيري
پيدا ٿئي لڳي ته فلاڻي تاريخ اڌ سير اٽو آندو گهر ۽ فلاڻي تاريخ کان
آندو اٽو ۽ اڌ سير گهر سپاهي ڪاوڙجي پڇيس پلو آهين - آءٌ ڏماڙي

رمضان اهڙن ڏاڍن ڏينهن ۾ آيو آهي - جيئن ابا هنير
ڪهڙي ڍيا گرمي آهي هندستان جي بلوچي ڪا [illegible] وڙ اڪبر
بادشاه جي وقت ۾ جڏهن محمود غزنوي راجا وڪرماجيت سان
لڙائي ڪرڻ لاءِ مصر ڏي ويو هو تڏهن محرم ۽ رمضان
جنوري مهيني ۾ ڳڏ آيا هوا جو سچو ڏينهه اچ ۽ ٻڪه ۾ سوڪ
جي تيا سون ۽ رات جو تراويحون پڙهي پوءِ ان ۾ وڃي
پيٽ ڀرا هوا سون -

لطيفه (٢٢) هڪڙي شخص هڪنه مولوي صاحب کان پڇيو
ته سائين مون گهڻين ۾ بيهو مانهڻ نهيمت هڪنه اونو ۽ پاڻ
روزا جو نه تا رکي - جيئن ابا اهڙين گرم ڏينهن ۾ اسانکان روزا
رکيا نه ٿا ٿين الله تعالى به وسعت سار حڪم فرمايو آهي -
جئن قرآن شريف ۾ ٿو فرمائي - لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا
نٿو تڪليف ڏي الله تعالى ڪنهن کي مگر اُنجي وسعت سارو

لطيفه (٢٣) هڪڙي سپاهي تي ڪنهن واڻئي جو قرض
هو تنهن ڪئي ڇڪ تاڻ ڪيس سپاهي چيو ته اٿين ڏينه لون
منهنجي گهر اچج ته پنهنجي شادي واسطي قرض ڪٽندس تنهن مان
توکي ڏيندس - هي وعدي جي ڏينه سندس گهر ويو - سپاهي
آڳيئي دهلن دمرن ۽ واڄي وارن کي در تي ويهاري ڇڏيو
هوا سين جنه مهل سندس گهر ۾ گهڙيو تنهن مهل سپاهي ميراثين
ڏي چوائي موڪليو ته هاڻ ڇڪي طرح زور سان دهل دمرا ۽ واڄا
وڄايو ۽ پاڻ دروازي تي ٻاسو نوڪي سيٺ جا پاسا ڪڍڻ لڳو
واڻئي وچاري گهڻيون دانهون ڪوڪون ڪيون پر دهلن جي
ڌمڪار کان ڪير ٿو ٻڌي - نيٺ سپاهي کي چيائين ته سائين
مون کي ڪهڙي مطلب تي ٿو ڪٽين من چيو ته فارغ خطي ڏي

ارمان کيو ۽ ڦڪو ٿي چپ چٿيندو رهيو

لطيفه (۱۸) ڪنهن ڇوڪر مئٽرڪ جو امتحان ڏنو سو تاريخ
جي سوالن ۾ ناپاس ٿيو پيءُ کانس پڇيائين ته پٽ محنت به
گهڻي ڪئي هئي پوءِ ڇو ناپاس ٿيو چيائين ماڻهن کي رات جو
کاڌو به ياد نه ٿو رهي ۽ ممتحن جو اندير جو ڇوڪرن کان سون
هزارين ورهين جون ڳالهيون پڇيون اٿن جن جيا آسان جيا
ابن ڏاڏن کي به خبر ڪانه هئي تنهن ۾ منهنجي اپت وچاري جو
ڪهڙو ڏوهه —

لطيفه (۱۹) ڪنهن خسيس رئيس وٽ مسخرو ظريف دوست
ملاقات لاءِ آيو رئيس صاحب سانس هارڻ ويٺي ڪئي ته نوڪر
رمز ۽ اشاري سان اچي چيس ته ماني تيار آهي - تڏهن
رئيس مهمان کي چيو مهرباني ڪري معاف ڪجو ٿوري ڪا حاج
اٿم سا لاهي ٿو اچان - اُٿي اچي رڌڻي ۾ وڃي ماني کائي
ورئي اچي مهمان وٽ ويٺو اتفاقاً مسخري جا لوڙ ڏاڙهي ۾
رهجي ويو هوس سو ڏسي مهمان چيس ته صاحب توهين
ڪيڏانهن ويا هئو جو جاءِ ضرور ۾ - مهمان چيو ته برابر سچ
ٿا چئو ڪنيون توهان جي ڏاڙهي مبارڪ ته ڪهڙي چنبڙيل لوڙ ڏسجي

لطيفه (۲۰) ڪو برهمڻ ۽ مسلمان پاڻ ۾ گڏيا ڪنهن پاسي
ٿي ويا واٽ ۾ هلندي ٻا برهمڻ ٻج ڏٺائين تنهن چيائين جي ديوي
ٿوري ويرم کان پوءِ مسلمان کي به ٻج آئي تنهن چيو الحمد الله
تنهن برهمڻ پڇيس ته جنهنجو نالو ورتئي سو ڪير آهي چيائين ته
جنهن ديوي جي گهر وارو آهي تڏهن برهمڻ ڪو ٿي مات ڪري رهيو

لطيفه (۲۱) مسخري پير مرد جو فضيلت وارو ۾ تاريخ جي
علم ۾ پڙهو تنهن کان ڪنهن ماڻهو پڇيو ته سائين اڳي به ڪڏهن

ته جيڪا ڳالهه ڪٿري يا ڪمري ٻاهر ڪهڙو ڏاهو ۽ ٻيو نادان ويٺا
هجن پوءِ ڏاهو وڃي ملندو ته ٻاهر ڪير رهي چياءِ نادان رهي
اهو جواب ٻڌي نوڪر سلام ڪري ٻاهر هليو ويو-

لطيفه (۲۵) هڪڙي لنگهي کي جواب ۾ ڪشان ڏيڪ مليو-
تنهنجي وڻيو هو ڏي ٿي ويو ته وات ۾ ڪنهن وانگي پڇيس ته ميان
ميراثي ڇڪو وڪٽن ڇنڊين - چياءِ هائو - هن شخص پڇيس ڪيترو
وٺندين چياءِ پنجاهه رپيا خريد ڪيو ته ڏيکي ٿو رپيا به مس ٿو لهي
مڪمل ڪار ڪجاوت ڪيا پڇيس ته هل ڪري هل نوڪ ڪانه ورتو - اهڙي ۾
اکيون پنهنجي ويس ڪاڏي سي ته نه ڏاند نه خريدار نه سودي جي
تنوار آهي ته هن ڏاڍو غمگين ٿيو ۽ جهٽ پٽ اکيون پوري
هٿ ڏگهاري ڇوٽ لڳو ته پيلا پاڻي ٿي رهيا ڏيو وڃ -

لطيفه (۲۶) هڪڙو صاحب جو نوڪر جي جو اُميدوار هو
تنهن پنهنجي نوڪر کي چيو ته سڀاڻي صبح جو مونکي ڪلڪتر صاحب
جي بنگلي تي وٺي آءِ هي تنهن کري ماٺ مونکي صبح جو ڇهين بجي
اُٿاريج نوڪر اهڙو سجاڳ هو جو رات جو ٻي بجي جاڳائينس
دُن اُٿاري پڇيس ته ڇا آهي ڇو جاڳيو آهن ڪئين - چياءِ نه
سائين ته پوءِ لڳو اچان ٿي ڪه آهن ان لاءِ اوهان جي جاڳايو ته
ته اچان ڪيترو وقت پيو آهي ٻيا فڪر تي آرام ڪريو - رئيس
چيو ته ٻي ڪيا اهڙي ٻي فڪري تي - ننڊ جو ڦٽائي - هاڻي
سمهان ٿو ڇهين بجي اٿاريج - نوڪر هو آئين تنهنکي
صبح جي هير تي ننڊ وٺي ويئي جڏهن جاڳيو تڏهن ڏٺي ته مار
انڌ جو ڪجهه پيو ٿيو تن کري تڏهن هڪل ڪري چياءِ ته او
ميان ميان ساڻ سائي - رئيس پڇيس اٺي جو تو سڏ ڏين - چياءِ
سائين خبردار نوڪر ٻانهن ته اٺ لڳي ويا آهن ۽ وڃي جو وقت ويو

لاءِ دعوىٰ لکي ڏني ته پوءِ جڏيان ءِ مهني ويهاري موچي تنهن جي
مارڪان پڇڻ آيو پيار سيٺ ڏي جهٽ پٽ فارغ خطي لکي ڏني -
۽ سپاهي جي سونٽن کان آجو ٿيو ويچي ٻنهي ڀائي ڇيتو اُن
کان پوءِ جيڪا لاکيڻي رات جو ڏهلن جو ڏمچ پئي ٻڌندو هو
ته صبح جو منيب کان پڇندو هو ته رات ڪنهن جي فارغ خطي
لکي آهي جو ولهو ڏاڍي زور سان ٿي وڄيو

لطيفه (٢٤) ڪنهن مجلس ۾ هڪڙي شاعر هي شعر پڙهيو
بس ڪه پُر چشم و دلم هر لحظه اي يار توئي - هر ڪه آيد در نظر از دور پندارم توئي
بس ته منهنجي اکين ۽ دل ۾ هميشه اي يار تون آهين - جيڪو ته اچي نظر ۾ پري کان پيا تون آهين
ملان شودو جو هڪڙو شوخ طبع ۽ زبان دراز شاعر هو
تنهن اُن کي چيو ته اگر سگ در نظر آيد (جيڪڏهن ڪتو
نظر اچي) ته شاعر چيو پندارم توئي (پيا ڀانيان ته تون آهين)
اها ڳالهه سڀ مجلس ٻڌي کلڻ لڳا ۽ ملان شودو ڦيڪو ٿي ڪنڌ
هيٺ ڪري ويهي رهيو -

لطيفه (٢٥) ڪنهن زال هڪ ٻي پنهنجا چار مڙس ڪيا ٿي
ته اڳيئي مري ويا هوا ۽ اتفاقًا چوٿون به اچي بيمار ٿيو - زال
گهڻي پيار ۽ محبت سان چيس ادا ڏهن حڪيم ڏٺو ته ڀوني
طبيب کي علاج لاءِ گهرايان مڙس ويچاري چيو وڏو ۽ چياءِ
ته مونکي اهڙو حڪيم ڪون گهرجي جنهن جي دوا سان ٿي اڳيئي
عدم آباد ڏي روانا ٿيا آهن (مري ويا آهن)

لطيفه (٢٦) هڪڙو آفيسر ڇت تان ڪري پيو - نوڪرن کا
چياءِ ته آءٌ ڪريس يا توهان نوڪر چيس ته حضور توهان ڪريو
آهين تڏهن چياءِ ته جي آءٌ ڪريو آهيان ته هاءِ ڙي!

لطيفه (٢٧) ڪنهن نوڪر وڃي محل پنهنجي صاحب کان پڇيو

قاضيءَ پيسا نه ورتا جو پيسا به کيسي نه ٿو سگهي تنهن توسان
زوري بازار ۾ ٿو کڻي وڃان، ۽ تون کوٽڙي آهين پيسا هنکي
وراڻي ڏي، ۽ هنن ٻنهي کي ٻڌائي ڇڏيائين ته اڳتي اهڙي کوٽڙي
دعوا مون وٽ نه آڻجو ـ

لطيفه (۳۲) هڪڙو عرب جو بادشاهه شڪار ۾ پنهنجي لشڪر
کان جدا ٿي ويو، ۽ هڪ ٻيلي ۾ آيو جتي هڪ اعرابيءَ جي تنبوءَ تي اچي
پهتو، ۽ طعام جي طلب ڪيائين. اعرابي شراب جي باٽلي ۽ پيالو کڻي
آيو، ۽ هڪڙو پيالو ڀري ڏنائين، جڏهن اهو پيتائين تڏهن اعرابي
کان پڇيائين ته مونکي سڃاڻين ٿو ته ڪير آهيان، هن چيو ته آءٌ توکي
ڪونه ٿو سڃاڻان، چيائين ته آءٌ بادشاهه جو خاص نوڪر آهيان، هن وري
ٻيو پيالو ڀري ڏنس، اهو جي ورِي هن کان پڇيائين ته اڙي مونکي
سڃاڻين ٿو ته ڪير آهيان، چيائين ته ها تون اهو آهين جو چوين ٿو ته آءٌ بادشاهه
جو خاص نوڪر آهيان، چيائين ته آءٌ وڏو امير آهيان ۽ ٽيون
ٽيون پيالو پيتائين تڏهن اعرابيءَ کي هيئن ڪري چيائين ته توکي
خبر آهي ته آءٌ ڪير آهيان، هن چيو ته تون امير آهين، بادشاهه
چيو ته آءٌ روءِ زمين جو شهنشاهه آهيان، اعرابي اها ڳالهه
ٻڌي باٽلي ۽ پيالو کڻي اُٿي کڙو ٿيو، بادشاهه پڇيس ته ڇو
چيائين جو متان چوٿون پيالو پي پاڻکي نبي يا خدا سڏائين
ايتري ۾ بادشاهه جو سپاهه ۽ لشڪر به اچي پهتو، تڏهن بادشاهه
هنکي عمدو ورڳو بخشيو ۽ هزار موهرون انعام ڏنئون
ٻي عرض ڪيو ته سائين هاڻي مونکي پڪ ٿي ته تون سچو آهين
اڳتي چوٿين پيئڻ جي دعوا به ڪجي ڪرين ـ

لطيفه (۳۳) هڪڙي ڏينهن چار شخص سير عالم جي سياحي
واسطي نڪتا، هڪ سهڻي باغ ۾ ويا، جتي چڱا ميوا کائڻ لڳا

هاڻي اُڌ ولاهي آرام ڪريو -

لطيفه (۳۰) هڪڙي ڀيري قاضيءَ جي گهر ۾ ڪنهن پاڙيسريءَ
جي ڪڪڙ اُڏامي اچي پيئي گهر وارن ڪهي ڪري ڀڄي چاڙهيس
جڏهن قاضي صاحب جن گهر ۾ آيا تڏهن اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍا
ڪاوڙيا سندس زال چيو ته الله واسطي قصور معاف ڪريو اڳتي اهڙي
نه ٿيندو - جي چئو ته اُها اُڇلائي ڇڏيان مگر گهر ۾ مصالح اچايو
ويندا - قاضي چيو ته ڀلا رکيو رهي سان ڪٽي ماڻي ڪانئون جنهن ۾
پنهنجو گهر مصالح ۾ پاڻي آهي جڏهن زال پيالي ۾ ٻوڙ ليئا تڏهن
نه پيا به ٻچس ڪري پيا جو ٽس پاڻيون ته اهي ڪيڏي وري
نگري ۾ وهان قاضي هڪل ڪري چيو ته جي پاڻهي پيا آهن
سي متان ڪڍين زال چيس ته سائين ڪڪڙ به پاڻهي پيئي
گهر ۾ اُڏامي آئي هئي - قاضي صاحب چيو چپ تڏهن سڀ
مباح آهي ڪا ڳالهه ڪانه پيو - اهڙا ملان اهڙا مطلبي ٿيندا آهن -

لطيفه (۳۱) ڪا زال قاضيءَ وٽ ڪوڙي دانهن ڪري ويئي ۽
چيائين ته فلاڻي ماڻهوءَ مون سان زوري سان زنا ڪيو آهي قاضي اُهي
شخص کي گهرائي چيو ته توکي ڪانئن هن زال جي آبروءَ کي داغ
لڳايو آهي چيائين سائين خدا پناهه مون کي ڪا به خبر ڪانهي
پر قاضي چيس ته ڏهه رپيا توکي ڏنڊ آهي سو هن زال کي ڏي
هن لاچار ٿي پئسا اُن زال کي ڏنا جڏهن هوءَ ڪوڙ کان باهر
ويئي تڏهن قاضي مڙس کي حڪم ڏنو ته ڊوڙي وڃي زال کان
پئسا کسي اچ - هي ڊوڙي اچي پهتس ۽ پئسا کسڻ لڳو پر هن
به طرح ڦري يا نه سگهيو ۽ ڊوڙندي وري قاضي وٽ ويا زال اچي دانهن
ڪئي ته هي مون کان زوري سان پئسا ٿو ڦري پر هو مون کان کسي نه
سگهيو آهي جيڪڏهن ملعون جو هو هي ته وراڻي ڏيانس

ٿي ڪري لوڪن کان پڇڻ لڳو - ول لوڪن آسمان ڪهڙو ٿو ڏسڻ
۾ اچن لوڪن چيو حضور شيءِ ڪهڙو لو معلوم ٿئي - جناب
چيو اتي شيءِ ڪه ذهن ڏانهن ٿي - لوڪن چيو هائو حضور
ڪهڙو ماڻهو ڏهاڙي آسان ٿي ڪانئين هو ٻاهر ڪيئي اچي وڃڻ
آهي - مطلب چيو اتي لوڪن اُهو شيءِ نه آهي اُهو ته ڳالهه
آهي لوڪن عرض ڪيو ته غريب نواز معلوم نه آهي ته اُهو ڳالهه
آهي ۽ نه خبر اٿم ته اُهو شيءِ آهي پر حضور نه اهڙو ٿو معلوم
ٿئي ڪهڙو اُهو آهي -

باب ٻيو

فيلسوفن جي بيان ۾

فيلسوف هي يوناني مرڪب لفظ آهي فيل دوستدار سوف حڪمت
يعني دوست دار حڪمت يا حڪيم -
تواريخ جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته پهريون حڪيم لقمان آهي جو
حضرت دائود عليه السلام جو حبشي هو ۽ حبش جو رهاڪو
هو اوائل ۾ ڪنهن شخص جو ٻانهو هو - هڪڙي ڏينهن
ڏاڍي چيس ته فلاڻي ٻني ۾ جوُ وڃي پوکه مُن جوُ ٻني وڃي
ڇيٽو پوکيو جڏهن ڏاڍي کي خبر پيئي تڏهن پڇائيس ته منهنجي
حڪم جي اُبتڙ ڇو ڪيئي لقمان چيو ته ڏاڍي تعاليٰ رحيم ڪريم
آهي سو ڇيٽو مٿي ڪيئي جوُ ڪندو - ڪيئر چيو اهڙو سگهارو
آهي پر ڇيٽو ٻج پوکيو لڙو لڻبو تڏهن لقمان چيس ته اهين
گناهن جو ٻج ٿا پوکيو ۽ ڪئين ٿا اُميد رکو ته اسان کي ثواب
جو ڦل ملندو ۽ انهي ڳالهه کان سندس ڏاڍي جي دل تي اهڙو اثر پيو

۽ گهڻا ميوا اپڪندا اُپلبندا ويا باغائي جان باغ ۾ اچي ڏسي ته ماڻ
ميوا ڪئين پٽي ٿي ڪي ڏڌريا پيا آهن ۽ ڪي اذڪا ڏ اڀا پيا آهن
دل ۾ چوٽ لڳو ته جي اڄ حضرت وهن ڇيئن سان ٿو ڪچيان ته اِتي
ڪي رکندو مهاڻي ڪنڪ ڪيڏ سان وٺان اِهو وچار ڪري عالم کي
چياءِ حضرت اوهين عالم سڳورا دين جا ٿيا ۽ گمراهن جا هادي اهيو
۽ سيد صاحب ته اسان جو دين ايمان آهي تنهنجا ته اسين اولهين ٿي
خادم آهيون ۽ سپاهي جي ته اسين رعيت آهيون اوهانجو باغ ۾
اچڻ ته وڏي برڪت آهي پر هي پاڻ چوڏ وانئون ڪير آهي جو
نه ڪو دپ نه ڪو ڊاءُ اچا ڻو اچي زيان ڪيو اٿس پٽڻ جو مال آهي
چا فرمان الٿ ڪٽائي نه وياج ميڙي ڏي لوچيا - ائين چئي واٽي کي
پڪڙ وهجي کي ٽ ڏسياءِ ۽ هٿ پير ٻڌي جڏ بائيس پوءِ سپاهي کي چياءِ
عالم ۽ سيد صاحب ته بئي پيلا آهن هي باغ انهي ملڪ آهي
جي مون باغ جي ڊل به پيري ڏني اٿم تڏهن مفتجو ميتر ونجو نقصان
ڪُڏي اپتر عيئي ميڙ جي ويس ۽ لٽن ۽ مکن سان جهاگوڙيا
ڪٽي پٽ المبس وري عالم کي چياءِ ته سيد جا ته سڀ ماڻهو ڙبانجي
بالهات آهن پر ڏون هو پاڻ کي عالم ٿو چوائين سو اٿيرو ته
لٽ سمجهين ته پراڻو نقصان ڪرڻ گناهه آهي اِئين چئي ڏاڍي
مار ڪيڏيا هٿ پير ٻڌيا هٿرجي هٿ ڪري ڪٽي جڏ يا ٽيس پوءِ
سيد کي هيڪڙو ڏسي چوڻ لڳو ته اڙي مدعي تو جهڙي موذي
کي ڪهڙو سيد ڪيو آهي پيغمبر سڳوري پراڻو مال حلال نه فرمايو
آهي ۽ توجو هي مفت زيان ڪيو سو جوزيت اُمکي ٻه جو ڪنيو
ٻڌي سو گهوڙيا - انهي تعويذ سان سڀني کي سڪ ڇي پنهنجن
سيون جي خاطر خواهه قيمت هر هڪ کان ورتي پوءِ ڇڏي ڏنائين -
لطيفه (٣٤) هڪڙو انگريز ڪپتان لتاڪري ٻن ٿن تي

مهمان جي جوڳي خدمت ڪر - اکين ۽ زبان کي سنڀال - گهر
۾ ٻت صاف رکه - اولاد کي علم ۽ ادب سيکار ۽ جي سگهي ته سواري
۽ تيراندازي جي تعليم ڏي - رات جو هوريان ۽ نرم ڳالهاءِ - ۽
ڏينهن جو هيڏي هوڏي نهاري پوءِ ڳالهاءِ - ٿورو کائڻ ۽
ٿورو ڳالهائڻ ۽ ٿورو سمهڻ سکه - جيڪي ڳالهه پاڻ تي پسند نه ڪرين
سو ٻين تي به پسند نه ڪر - ڇوڪر ۽ نادان دوست کي دل جي
ڳالهه نه ٻڌاءِ - ڪميڻي ۾ وفا جي اميد نه رکه - پاڻ کان وڏي سان
گستاخي ۽ چرچو نه ڪر - وڏي ماڻهو وٽ پنهنجي نه هڻ - گذريل
جهيڙي کي ياد نه ڪر - پنهنجو دشمن ٿوري يا دوست کي نه ڏيکار
ماڻهن کان مائٽي نه ڇن - ڇگر جي گلا نه ڪر - ماڻهن جي روبرو
وات ۽ نڪ ۾ آڱر نه وجهه ۽ آباسي مهل هٿ وات تي رکه - ڪنهن کي
ماڻهن جي روبرو ٺٺوڙو نه ڪر - جنهن ڳالهه کان ڪالهه رڃي تنهن کان اڄ پيشو
ڪر - ڪنهن وٽ پاڻ کي مروا ڪاڻ - پاڻ کي زالن وانگر نه سينگار
اولاد جو مطيع نه رهه - ميڙ جي گلا نه ڪر - ڪاوڙ مهل سمجهي
ڳالهاءِ - پيراڻ جي پاڻهين سان نڪ نه اُگهه - سڀ اپرٽا مهل
نه سمهه - وڏن جي اڳ ۾ نه هل - ڪنهن جي ڳالهه ۾ پئي نه لُوُ -
مهمان جي روبرو ڪنهن تي ڪاوڙ نه ڪر - مهمان کي ڪم
جي تڪليف نه ڏي - ٿوري نفع لاءِ پنهنجي آبرو نه وڃاءِ - جنگ
۾ جهيڙي کان پاسو ڪر - خدا تعالى جي سچي دل سان پاڻ
۽ نفس تي ڪلوڙ ۽ خلق سان انصاف ۽ بزرگن جي چاڪري
۽ ننڍن تي مهرباني ۽ عزيزن سان سخا دوستن سان مڪمن اُني
دشمن کان ڪانڌ جاهلن کي نصيحت عالمن سان نياز ڪرڻ ۾ عمر
گذار - ڪنهن جي مال ۾ طمع نه ڪر - حلال مال هٿ لڳي ته هٿان
هجڻ پر جي ڪهڙو تي نه ڪڻ نه ڪر - لقمان حڪيم جو قول آهي

جو ھڪڙي آھو ڪري ڇپل پاءِ لوڙ ھجي آنان شامل ڪم ۾ وجي
علم ۽ حڪمت جو اپاس ڪري سيني کان ڪنڊ ڪئي ويٺو ھجي
ڪان ٻڌايائين تہ علم ۽ حڪمت ۾ ھيترو درجو ڪيئن ڪٺائين
ڀيان سچ ڳالھائڻ امانت ڀڄاءِ آڻڻ ۽ بيھودي ڳالھ کان زبان
جھلڻ سان - چون ٿا تہ ٻانسائي جي ڏينھن ۾ ھڪ
ڏينھن ڏٺي ويس تہ ھي گھٽو ڪجھي سڀ جا عضوا وڍي اچ لقمان
آندي ڪجھي دل ۽ زبان وڍي ڪئي آندو ۽ ٻيا ڏٺي ويس تہ اھي ڪئي
وچ ۾ جيڪو بھتر عضوو ھجي سو ڪڍي اچ - ھي وري بہ ساڳيون
شيون ڪئي آيو ڏٺي ويس انھيءَ عضوا بہ اھي ۾ بھتر بہ اھي سي
ڪيئن چياءِ دل جيڪڏھن معرفت جي نور سان روشن ۽ زبان
ڪوڙ ۽ گلا کان پاڪ ۽ ذڪر الاھي ۾ مشغول آھي تہ اھي ۽ بھتر
جڳھوں ۽ عضوو ٻيو ڪونہ آھي ۽ جي اھي ابتر آھي تہ اھي وڌيڪ بدتر
عضوو بہ ٻيو ڪونھي - لقمان حڪيم پنھنجي پياري ۽ لاڏلي پٽ کي
جيڪي نصيحتون ڪيون آھن سي ھي آھن - اي پٽ پنھنجي خالق
کي سڃاڻ - ماڻھن کي جيڪا نصيحت ڪرين تنھن تي پھريائين پاڻ
عمل ڪر - ڳالھ پنھنجي قدر سارو ڳالھاءِ - ماڻھن جو قدر سڃاڻ
- سڀني جو قدر سڃاڻ - پنھنجو ڳجھ ڪنھن کي نہ ٻڌاءِ يار کي
سختي ۾ آزماءِ ۽ نفعي ۽ نقصان ۾ امتحان وٺيس - بي عقل
۽ جاھل ماڻھو کان پري رھج - ڏاھو ۽ سياڻو يار ڪر - صلاح
مصلحت ڏاھي ۽ چڱي ماڻھو کان پڇ - ڳالھ حجت ۽ دليل سان ڪر
جواني کي غنيمت ڄاڻ - پنھنجي جان لھو ڪري جواني ۾ محنت
پاڻ دوستن کي پيار ڪر - دوست ۽ دشمن سان ڪمل ٽڪيلو رک -
ماءُ پيءُ کي غنيمت ڄاڻ - استاد جي پي کان ڳجھو ۽ ڀلو ڄاڻ -
خرچ اپنا آمد ڪر - سڀ ڪم ۾ وچٿري حالت ڪر - جوانمرد رھ

ڪيئي - ٻيا ن مشائين جيڪي مسافري ۾ گڏ سڪندر ساڻ رهيا
هوا انجو قول آهي ته جيستائين تون ڏاهو هجين اوستائين پاڻ کي نادان
سمجھ ۽ جيڪي نه ڄاڻين تنهن جي پڇڻ ۽ سکڻ ۾ حجاب نه ڪر

ارسطاطاليس حڪيم - ارسطاطاليس يوناني لفظ آهي جنهن
جي معنيٰ آهي فاضل ڪامل - هن کي پهريون اُستاد ۽ وڏو فيلسوف
لکن ٿا - هي عراقي شهر ۾ ڄائو هو جڏهن اٺن ورهين جو ٿيو
ته هن پٽر بلينه شهر ڏي وڃي ويس اتي نوورا علم ۽ هنر
سکي تمام پڙهيو لکيو وري افلاطون جي خليفن مان هيءَ طرح
طرح فيض ۽ حڪمتون پرايائين ۽ آخر پويان کان ڪتب ڪي وڏو
۾ افلاطون جي مرڻ کان پوءِ مدينة الحڪما شهر ۾ وڃي مدرسو
وڌو ماڻهن کي علم ۽ حڪمت سيکارڻ لڳو - سڪندر ذوالقرنين
جو اُستاد هو جنهن جدا جدا علمن ۾ جملا (۱۲۰) ڪتاب جوڙيا اٺن
۸۰ ورهين جي عمر ۾ هي جهان ڇڏيائين - سڪندر کان پڇيائون ته ارسطو
کي تو هيتري مرتبو ڇو ڏنو آهي چيائين ته پيءُ مون کي مٿان هيٺ آندو
۽ هن مون کي زمين کان آسمان تي پهچايو -

لقمان - فيثاغورث - انتافلس - افلاطون - ارسطو - اِهي
پنجئي فيلسوف ظاهري ۽ باطني سڀني علمن ۾ واقف هوا ۽ پنهنجي
حياتي پنهنجا پرهيزي ۾ گذاريائون انهن کان سواءِ ٻيا حڪيم جن ڪي هن
هڪڙي علم ۾ نامور ٿيا آهن -

مقراطيس - هي افلاطون کان اڳي جي گذريو آهي جو ٿيا نه علم
۾ به ڪامل پڙهو انجو قول آهي ته جيڪو ماڻهو ڪاوڙ ۽ شهوت
جو تابع آهي سو ماڻهو نه آهي ۽ ماڻهوءَ کي آسودگي ۽ شاهوڪاري جي
وقت ۾ آزمائڻ گهرجي -

اقليدس - هي وڏو حساب دان هو ۽ علم هندسي ۾ مصبر

ته مات مان ست شيون ٿيون پيدا ٿيون ۱ سوڻن رڳيا سيگار جي ۲
دهشت رڳي يا محڪومت جي ۳ پاڻ رڳي يا محنت جي ۴ پناه سواءِ
ڪوٽ جي ۵ عذر خواهي ڪان بيپرواهي ۶ گلا ڪندڙن جي ايذاءُ
ڪان بچڻ ۷ عيبن جو ڍڪجڻ۔ **بيت**

مات جي معني ڄڃون ۾ ناهي ۔ مات جي مضمون سان بيو ڇا ڪجي
سپ سچي ڪان ڏکتو جي مو ڪي سبڙو ۔ مات سبي ڪي ڪري موتين پڙيو

بيو فيلسوف **فيثاغورث** هي شام طان مصر ۾
اچي حضرت سليمان نبي جي صحبت ڪان علم ۽ حڪمت سکيو
۽ پنهنجي عقل ۽ سمجهه سان رڳ جو علم ڪڍيائين ۽ لوءِ سقراط
حڪيم ڪان ٿورا اهو علم سکيو ۔ آخر سڀني علمن ڪان خدا پرستي
جو علم وڌيڪ ويٺس تفڪر ۽ يا دنيا جي لذتن ڪان منهن
موڙي پنهنجي عمر جا باقي ڏينهن خالق جي بندگي ۽ رياضت ۾
گذاريائين جدا جدا علمن ۾ جملي ۲۸۰ ڪتاب سندس جوڙيل
آهن انجو قول آهي ته دوست اهو آهي جو تنهنجا عيب لڪي
ڏيکاري ۽ دشمن اهو آهي جو تنهنجا عيب ڏسي ۽ انهي اشتهار
تنهنجي وڪان ڪري ۔ هي به سندس قول آهي ته صبر اهو آهي
جو جنهن جيا مو آهي ۽ مثل اهو آهي جو ڀلي ڪي صبر تو سمجهي ۔

انتافلس فيلسوف ۔ هي لقمان حڪيم جو شاگرد هو ۽ حڪيم
جو لقب پهرين ان کي مليو آهي ۽ ظاهري ۽ باطني حقيقتن کان
واقف هو ۔

افلاطون فيلسوف ۔ هي پنهنجي وقت ۾ بي مثل هو سندس
شاگرد ٻئي فرقيون آهن ۔ هڪڙا اشراقي يعني آهي جن پنهنجي
دل ۽ اندر صاف ۽ پاڪ ڪري علم ۽ حڪمت ۽ خدا جي معرفت
حاصل ڪئي ۔ ٻيا رواقي جن ظاهري علم ۽ حڪمت جي تحصيل

تنگدل نه ٿئي ۽ من جهان جي عشق کان نو ڏيک آخرت جا عشق
پسند ڪري ۽ بيوقوف اهو آهي جو اهڙي ماڻهو کي ٺڳ گهري -
جو ڪيس نٿو چاهي ۽ مڙئي به چيو اٿس ته تونگري ۾ لوڙهڻ ۽
نياز پچندي آهر بخشش تنگي جي وقت ۾ سخا احسان ڏاران
عطا - نيڪ بختن ۽ ڪاملن جو ڪم آهي -

سقراط حڪيم: هي پنهنجي وقت ۾ لاثاني حڪيم هو
۽ ماڻهن کي خدا پاڪ جي حڪمن تي هلڻ ۽ گناهن کان پري
رهڻ جي نصيحت ڪندو هو تنهنڪري انهي ۽ ٻين ڏينهن ماڻهو
سندس دشمن ٿيا ۽ زماني جي بادشاهه کي چوري سندس مارڻ
لاءِ سنبرايائون بادشاهه رعيت ۽ سپاهه جي فساد جي ڊپ کان هن کي
پاڻ وٽ گهرائي چيو ته فساد ٽارڻ لاءِ توکي مارڻ لاچار آهي هاڻ
جڏهن چوين تڏهن توکي مارايان - هن زهر قبول ڪيو ۽ ١٠٩ ورهين
جي عمر ۾ شهيد ٿي هي جهان ڇڏيائين - سندس شاگرد ٻارهن
هزارن کان به گهڻا هوا - هن جو قول آهي ته سڀ ڪم جو اصل
تدبير آهي ۽ تدبير جو اصل تقدير آهي ۽ تقدير تدبير تي غالب
آهي جو اهامتا هين ۽ تدبير هيٺاهين آهي ۽ چيو اٿس ته مڪو
ماڻهو اهو آهي جنهن جي ابتدا ۽ ڊپ کان دشمن ٻي فڪر ۾ هجن
۽ بچيرو اهو آهي جنهن کان دوست به ڪٽجي ۽ هر اسراع گذارين
٢ دوستن کي پنهنجي حال جو واقف نه ڪر ته جيئن دشمن
تنهن ته غالب نه پون -

ديوجانس ڪلبي: هي عالم حڪيم - زاهد ۽ پرهيزگار
هو حق جي ڪلمن چوڻ ۾ دير نه ڪندو هو تنهنڪري ڪيس
ڪلبي چوندا هئا - منڪان پڇيائون ته طعام کائڻ لاءِ ڪهڙو وقت
چڱو آهي - چيائين شاهوڪار کي جنهن مهل بک لڳي ۽ غريب محتاج

اقليدس جو ڪتاب اُنجو جوڙيل آهي سندس قول آهي ته دنيا
باهه جي مثال آهي جا گذران جي سر انجامي لاءِ ضروري آهي -
جيئن باهه پوري اندازي کان گهٽ ٿي ته گهر تڙ ساڙي ڇڏيندي
تيئن دولت جي به گهرج کان گهٽي ٿي ته دين ايمان جي گهر کي ساڙي
ڇڏيندي -

بطليموس نجوم ۽ هندسي علم ۾ پنهنجي وقت جو
اُستاد هو - رصد بندي جا قاعدا ۽ ملڪن جو تقسيم ڌرتي جي
ماپ ڏيکاري ۽ ويڪرائي ڦاڪ وغيره علم هن ڪڍيو آهي -
سندس قول آهي ته جنهن ماڻهو ڪنهن به علم جو ڪتاب جوڙيو
تنهن هميشه جي حياتي حاصل ڪئي يعني مصنف مري ويندو
ته به سندس نالو جهان ۾ ياد رهندو - اُنڪان پڇيائون ته خدا جي
مقبول ٻانهي جا ڪهڙا نشان آهن - چيائين منهن کلڻ - چڱا
لڇڻ - خوش روئي - مهمان نوازي - چڱي مٺي ۽ مهربان رهڻ

جالينوس اهي وڏو حڪيم ۽ طبيب هو روم ۽ مصر ۾
وڃي علم سکيو بقراط حڪيم به اُنجي شاگردن مان هڪڙو شايد هو
شاگرد هو هنجو قول آهي ته ماڻهو جيسين پنهنجا عيب نه معلوم
ڪندو ۽ تيسين پاڻ کي سڌاري نه سگهندو - تنهنڪري ماڻهو
کي گهرجي ته پنهنجا اوگڻ ڏسي ۽ سمجهي ۽ جتن جي سارا هرج
کان مغرور نه ٿئي -

بقراط حڪيم طب جو علم جهان ۾ پڌرو ڪيو ۽
هن کان اڳ عيسيٰ حڪيم جي گذريا تن علم کي خدائي
ڳجهو سمجهي ظاهر نه ڪيو هن سو رهڻ ورهيه جي عمار ۾ سب
علم جا خميرا ڪري پنهنجي ماڻهن کي تعليم ڏيڻ لڳو - سندس قول
آهي ته تمام ڏاهو ماڻهو اهو آهي جو سختي ۾ تنگي جي وقت ۾

۽ سيڪت ڏيڻ (٨) لشڪر سڌارڻ ۽ جنگ جا هٿيار گڏ ڪرڻ
(٩) مٿن ماڻهن سان مروت ڪرڻ (١٠) جاسوس رکڻ (١١)
اميرن وزيرن تي مهرباني ڪرڻ۔

هي به اُنجو قول آهي ته عاليشان بادشاهه کي پنهنجن ٽن شين کان
پري رهڻ گهرجي (١) ڪاوڙ جا عاجزن جو ڪم آهي ۽ بادشاهه
عاجز نه آهي (٢) ڪوڙ جو اُميد يا ڊپ سبان ڪجي ٿو بادشاهه
انهن ٻنهي کان بي پرواهه آهي (٣) بخيلي جا محتاجي جي ڊپ کان ٿي
ڪجي ۽ بادشاهه ڪنهنجو محتاج نه ٿيندو (٤) قسم جو تهمت سببان
ٿو کڄي ۽ بادشاهه تهمت کان پري آهي

بيدپاءِ برهمن - هي حڪيم هندوستاني هو ڪليله ودمنه
يعني انوار سهيلي ڪتاب اُنجو جوڙيل آهي سندس قول آهي ته
چار هزار حڪمت جا نڪتا گڏ ڪيم تن مان ٻه ياد رکڻ جا لائق
آهن هڪ خدا تعاليٰ جل جلاله ۽ ٻيو موت ۽ ٻه وسارڻ جا
لائق آهن پهريون ٻي تي جو احسان ڪيو هجي سو ٻيو ٻي کان
جو رنج رسيو هجي سو۔

عمر خيام نيشاپوري: هي حڪيم مسلمان هو جنهن کي
بوعلي سينا جهڙو وڏي لکيو اٿن - سلطان سنجر بخارا جو بادشاهه
پاڻ سان گڏ تخت تي ويهاريندو هوس ۽ نظام الملڪ نيشاپوري
کان ٻارهن سؤ رپيا ماهيانو ملندو هوس سندس رباعيون سڄي
جهان ۾ مشهور آهن آخر عمر ۾ سلوڪ جي علم ۾ مشغول ٿيو
هو جهان مان لڏڻ وقت نماز پڙهي سر سجدي ۾ رکي ڌڻي
تعاليٰ جي درگاهه ۾ عرض ڪيائين ته اي الله العالمين مون توکي سڃاتو
گهرجي تئن نه سڃاتم مونکي بخش آئين چئي سجدي ۾ سنه ٥١٥ هجري
۾ رب ڏي رحلت ڪيائين۔

کي سڌڙن ملي سگهي -

بقراطيس :- هي بقراط جو شاگرد هو سندس قول آهي - ته تپسائين شريف علم دل جي پتي نه وهندو جيسين خراب خطرا اُن مان پامر نه نڪرندا -

بليناس - چوينا ته هي ارسطو جو شاگرد هو - اسڪندر شهر جو مصر ملڪ ۾ آهي تنهن ۾ هڪڙو منارو جو ڙي مٿس هڪڙي آرسي ڪوڙي اچڙي ڏناءِ جنهن ۾ هو مٿي آهي پاسي جي پرين سڀئي لهڻ جو احوال سمورو پيو ڏسبو هو

جاماسپ :- هي ايران جي بادشاه گشتاسپ جو وزير ۽ لقمان حڪيم جو شاگرد هو - رمل ۽ نجوم جي علم ۾ گهڻو ماهر هو سندس قول آهي ته سخي بخيل جو محتاج ڪڏهن نه ٿيندو

اَرجاسپ :- علم ۽ حڪمت ۾ بي مثل هو - مرڻ مهل هي وصيتون پٽ کي ڪيائين ته بادشاهن کي لائق خدمت سان خوش رکج - يارن دوستن سان مروت ۽ مهرباني ڪج - دشمن کي دڙ دلاسي ۾ رکج عيال تي مهربان رهج ته تنهنجو عمر ڪڏهن ڪنو نه ٿيندو - ائين چئي قبلي ڏي منهن ڪري سجدي ۾ پيو ۽ پنهنجو ساهه صاحب کي سونپيائين -

بزرجمهر :- نوشيروان جو وزير اُن وقت جي حڪيمن جو سردار هو - سندس قول آهي ته بادشاهي جي بيهڪ پارهن ڳالهين تي آهي جيڪو بادشاه اُنهن تي عمل ڪندو تنهن جي بادشاهي مضبوط ۽ پائدار رهندي

(۱) اجائي ڪاوڙ نه ڪرڻ (۲) سچائي ۽ سخاوت (۳) ڏاهن سان صلاح (۴) بزرگن کي عزت ڏيڻ (۵) قيدين جي حال جي پڇا ڳاڇ (۶) واٽن ۽ رستن جي نگهباني (۷) گناهه آهي معافي

برنا ۽ بجرن جو سير ڪيو هوا ۽ ڪي چوٿا ته عارف ۽ سالڪ هو
۽ ڪي هنکي دهري سمجهن ٿا چاڪاڻ جو سندس مذهبن سان
سندس بحث هو اُنجو قول آهي ته ذاهن جا قلب اسرار جا کوٽ
آهن -

مير محمد باقر: هي وڏو حڪيم ۽ صاحب معرفت جو هو
اوائل ۾ مشهد مقدس ۾ وڃي علم پڙهيو ۽ لوڙي ۽ مدت ۾
عالمن جي بدل ۽ فاضلن جي مثل ٿيو بادشاه ۽ امير سندس صحبت
کي غنيمت سمجهندا هوا پر هي ڪائون گوشي جي گذاريندو هو -
ڪتاب صراط المستقيم - افق المبين حاشي شرح مختصر اصول -
سندس تصنيف ڪيل آهن - سندس هي پسند قول آهي ته جيڪو
خدا تعالى سان مليو سو بي پروا ٿيو ۽ جنهن خدا پاڪ تي توڪل
ڪيو تنهنجو سڀ مشڪل حل ٿيو -

خواجه نصير الدين طوسي: هي وڏو عالم ۽ حڪيم هو
سندس گهڻيون تصنيفون ڪيل آهن هنجو قول آهي ته
جيڏهن توکي ٻه مخالف حڪم درپيش اچن ۽ خبر نه پوي ته ڪهڙو
آهي ته لوڻ جيڪو حڪم موافق نفس جي هجي سو ڇڏي نفس
جي اختلاف وارو ڪر -

باب ٽيون

نڪتن جي بيان ۾

نڪتو (١) الله تعالى جو حق نگاه ۾ رکو ته هو توکي
پنهنجي حفظ ۽ حمايت ۾ رکي ۽ آسودگي ۽ بي نصيبي جي وقت
۾ هن جو شڪر گذاريندو رهو ته امنج ۽ مشڪلات ۾ تنهنجي مدد ڪري

ابُو نصر فاريابي: من جو ڀي بادشاهه جي لشڪر جو ممتاز هو. هي دنيا کان پڇنڊ ٿي هو گهمندو رهيو ۽ بغداد ۽ شام ۾ عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريائين. ۽ گهڻا حڪمت جا ڪتاب يوناني مان عربي ۾ ترجمو ڪيائين. تنهن ڪري کيس معلم ثاني چوندا هوا سنه ٣٤٣ هجري ۾ بدوين هٿان شهيد ٿيو سندس حڪمت آميز قول آهي ته موت مرض جو اولاد آهي ۽ مرض خلط جو ۽ خلط کاڌي ۽ خوراڪ جو کاڌو ۽ خوراڪ نباتات جو ۽ نباتات زمين جي پيدا آهي پوءِ سڀ شيون ڌرتي مان پيدا ٿيون ٿيون ۽ وري اُن ۾ داخل ٿيون ٿيون.

شيخ ابو علي حسين بن عبد الله بن سينا: هي وڏو مسلمان حڪيم ۽ طبيب هو سندس لقب شيخ الرئيس آهي ١٨ ورهين جي عمر ۾ سڀ علم جي تحصيل ڪيائين همدان جي حاڪم شمس الدوله هنڪي پنهنجو وزير مقرر ڪيو ڏهه ٿي جيسين سئو ورهين مريض جو علاج نه ڪندو هو تيسين ماني نه کائيندو هو سندس قول آهي ته طبيعت مدعي آهي ۽ مرض مدعا عليه ۽ علامتون شاهد - نبض ۽ پيشاب سند ۽ دستاويز - بحران عدل ۽ انصاف جو ڏينهن - بيمار وڪيل - طبيب انصاف ڪندڙ آهي.

شهاب الدين مقتول: هي شيخ شهاب الدين سهروردي جو ڀائٽيو هو - آزاد خيال ۽ رياضت انديش ڪامل مرد هو. ملڪ طاهر بن ملڪ صلاح الدين سندس معتقد هو. ڪي غير شرعي ڳالهيون ڪا ئونس ظاهر ٿيون تنهن ڪري پڙهيلن سندس مارڻ جي فتوا ڏني جو بادشاهه جي حڪم سان ٥٨٧ هجريءَ ۾ مقتول ڪري يا شهيد ٿيو.

ناصر خسرو: هي صوفي مذهب جو هو ۽ سڄي جهان جي

زمين زآب باران چشم از نظر - زن از شهوت مرد مرد از هنر

نڪتو - ٽورو ڪائڻ - ٽورو سمهڻ - ٽورو ڳالهائڻ عادت ڪرڻ تر دل تسنخي علم ۽ حڪمت جي نور سان روشن ٿئي ۽ ٽو کي سعادت دارين (ٻنهي جهانن) جي حاصل ٿئي **بيت**

اندرون از طعام خالي دار - تادرو نور معرفت بيني -
خواب و خور جز پيشهٔ انعام نيست - خفتگان را لهره از انعام نيست
گر خوري بيش پيل باشي تو - کم خوري جبرئيل باشي تو

نڪتو - ٽن جڻن کي ٽن شئن کان فساد ۽ نقصان ٿو پهچي بادشاه کي ظلم کان - عالم کي طمع کان - فقير کي ريا کان

نڪتو - چار ڳالهيون بي وقوفي جو نشان آهن - پاڻ ذامي سان تڪرار ڪرڻ - نا آزمايل تي اعتبار ڪرڻ - زالن جي مڪر کان بي دپو رهڻ ۽ ڇوڪرن سان محبت رکڻ

نڪتو - خداوند تعالیٰ جلشانہ عيب ڏسي ٿو ۽ ڍڪي ٿو ۽ پاڙوسي نٿو ڏسي ۽ رڙي ٿو - **بيت**

نعوذ بالله اگر خلق عيب دان بودي - کسي بحال خود از دست کس نياسودي

نڪتو - سڀني مخلوقن ۾ چڱو ماڻهو آهي ۽ بڇڙو ڪتو پر حق شناس ڪتو ناسپاس ماڻهو کان چڱو آهي **قطعه**

سگي را لقمهٔ هرگز فراموش - نگردد گر زني صد نوبتش سنگ
وگر عمري نوازي سفلهٔ را - بکمتر چيز آيد باتو در جنگ -

نڪتو - موذي کي مارڻ خلق کي آجي [illegible] کان ۽ انکي خدا جي عذاب کان ڇڏائڻ آهي - **قطعه**

پسنديده است بخشايش و ليکن - منه بر ريش خلق آزار مرهم
ندانست آنکه رحمت کرد بر مار - که آن ظلم است بر فرزند آدم -

نڪتو - دشمن جي مت محبت خطا ۽ بدڻ رها آهي - ۽ انجي

۽ جنهن توکي ڪو احتياج پوي ته جنهن مدد فقط اُن کان گهر
ٻيا ڪنهن جي اڳيان نيزاري نه ڪر ۽ يقين ڄاڻ ته جي سڄو
جهان تنهنجي فائدي ۾ ڪوشش ڪري پر جي تقدير اُنجي برخلاف
هجي ته توکي ڪو فائدو ونه رسي ۽ جيڪڏهن سڀ مخلوق پاڻ
ته توکي ايذاءُ پهچائين جو تنهنجي النصيب ۾ نه آهي ته توکي ڪو نقصان
پهچائي نه سگهندا-

نڪتو: جوان مرد اُهو آهي جو جيڪو رنجائڻ جو لائق آهي
تنهن کي نه رنجائي ۽ ڪنهن جي رنجائڻ سان رنج نه ٿئي-

نڪتو بدبخت اُهو آهي جنهن کي علم آهي عمل نه آهي- ۽
عمل آهي سچائي نه آهي نيڪن جي صحبت ڪري ٿو پر اُنهن کو
فائدو ونه ٿو پرائي

نڪتو- جيڪڏهن ڪو تووٽ عذرخواهي ڪري ته اُنجو
عذر قبول ڪرڻ جي ڪو ادب سيکاري نه ادب سکي - جيڪو عذر
نه ٿو قبولي سو شيطان آهي جيڪو ادب نٿو سکي سو حيوان آهي

نڪتو- عافيت ٽن قسمن جي آهي- عافيت دين عافيت مال
عافيت بدن - دين جي عافيت پرهيزگاري ۾ آهي مال جي عافيت
محتاجن جي رعايت ۽ حقن بجاءِ آڻڻ ۾ - ۽ بدن جي عافيت
جماع ۽ خوراڪ جي برابري گهٽ ڪرڻ ۾ آهي-

نڪتو- ٽي شيون ٽن شين سان وڃن ٿيون علم بحث سان
مال سودي سان ملڪ دهشت ۽ دبلي سان-

نڪتو- چار شيون چئن شين کان نه ٿيون ڍاپن- زمين
مينهن جي پاڻي کان - اک ڏسڻ کان - زال مرد جي شهوت کان
مرد هنر کان -

بيت

چنين گفت فرزانه روزگار - که سيري ندارد چهار از چهار

کان به نابينائي زهرا وفتاد - وين دو چشمش بود در چاه اوفتاد

نڪتو: جيڪو ٻچڙن سان وهندو سو جيڪر هن اُلٽي جي طبعت نه وٺندو ته به سندن طريقي ۾ فهمي ٿيندو - جيئن ڪو شخص شراب خاني ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ويندو ته به شراب پيڻ جي تهمت سيڪو مٿس ڌريندو - **مثنوي**

رقم بر خود به ناداني کشيدي ؛ که نادان را به صحبت برگزيدي
طلب کردم که دانايان يکي پند ؛ مرا گفتند با نادان مپيوند
که گر دانائي دهري خبر باشي ؛ وگر ناداني ابله تر باشي

نڪتو: شاگرد بي ارادي عاشق بي زر آهي - وانار و غير واقف پکي ري پر آهي - عالم بي عمل وڻ ري ڦر - زاهد بي علم گهر بي در - قرآن ڪريم تي عمل ڪرڻ گهرجي نه ته تيل سان پڙهڻ گهرجيس -

نڪتو: جيڪڏهن پيٽ پاڻ نه هجي ها ته ڪو به ڪين ڦاهي ۾ نه ڦاسي ها بلڪ ڪو شڪاري ڦاهي نه ٽنگي ها - **بيت**

شکم بند دست است و زنجير پاءِ + شکم بنده نادر پرستد خداءِ

نڪتو: جيڪو ميٺو ڏاڍي سان زور آوري اٿو ڪري سو پنهنجي دشمن جو مددگار آهي پنهنجي هلاڪي ۾ **بيت**

سايه پرورد را چه طاقت آن - که رود با مبارزان بقتال
سست بازو بجهل مي افکند - پنجه با مرد آهني بچنگال

نڪتو: دنيا دار بدڪار سو نو پيتر ملعون ٿيل بيڪار آهي ۽ فقير صالح معشوق مٿي گذيل - هي حضرت موسيٰ جي ٽڪر تي دار ڳوٺ ڙيا ۾ هو فرعون جي جتر الوڏا ڙهي آهي نبي فقير جي چڱي ڀلائي آهي بچي ٿي ۽ دولت جي نيٺ قتالي آهي. قطعه

هر که را جاه و دولت ست بدان - خاطر خسته نه ده خواهد يا فت

برخلاف ملڪ راه صفا آهي
حذر کن زانچه دشمن گويد آن کن - که بر زانو زني دست تغابن
گرت راه نمايد راست چون تير - ازان بر گرد راهِ دست چپ گير
نڪتو - ڪيترن بزرگن کان پڇيائون ته باوجود ڪيتري فضيلت
سچا هٿ ڪيئن آهي ته هن بي مندي ڪئي هٿ ۾ چاڪاڻ ته جن
چيائون ته بد واٽ ته اهل فضيلت جا نا اميد رهندا آهن **بيت**
انڪه خط آفريد روزي سخت - يا فضيلت همي دهد يا بخت
نڪتو هڪڙي درويش دل ريش مناجات ۾ هيءَ ڳالهه ٿي چئي
ته اي ڏڪي مٺا بڇڙن تي رحم ڪر جو نيڪن تي اڳي رحم
ڪيو اٿئي جو انهن کي نيڪ (موچارو) خلقيو اٿئي -
نڪتو - رب تعالى انجيل ۾ فرمايو آهي ته اي بني آدم
توکي مال ڏيان ته موٽ کي ڇڏيائين سان تون مشغول ٿئين -
۽ جي مسڪين ڪريان ۽ ته غمگين ٿو رهين پوءِ منهنجي ذڪر
جو مزو ڪٿي لهندين ۽ ڪڏهن منهنجي ياد ۾ مشغولي ڪندين **قطعه**
گه اندر نعمتي مغرور و غافل - گه اندر تنگدستي خسته و ريش
چو در سرا و ضرا حالت اين ست - ندانم کي بحق پردازي از خويش
نڪتو - ٻه شيون عقل جي ابتر آهن - رزق مقسوم کان
وڌيڪ - ڪائڻ ۽ اجل کان اڳي مرڻ - **قطعه**
قضا دگر نشود ور هزار ناله و آه + بشکر يا بشکايت برآيد از دهني -
فرشته که وکيل ست بر خزائن باد + چه غم کند که بميرد چراغ پيرزني
نڪتو - گناه ڪرڻ سڀني لاءِ بڇڙو آهي پر عالم کي تمام
بڇڙو آهي چاڪاڻ جو علم شيطان جي جنگ جو هٿيار آهي هٿيار
وارو ها راڻي ۽ پاڻ کي قيد ڪرائي ته شرم جهڙي ڳالهه آهي **مثنوي**
عامي نادان پريشان روزگار - به ز دانشمند ناپرهيزگار

۽ جڏهن مري ٿي تڏهن پليد ٿئي ٿي - مگر نفس جيسين جيئرو
آهي تيسين پليد آهي ۽ جڏهن مري ٿو تڏهن پاڪ ٿئي ٿو -
نڪتو: جا شيءِ وڌي ٿي ۽ گهٽجي ٿي چنڊ جو سوجهرو آهي
۽ جا شيءِ گهٽجي ٿي ۽ وڌي ٿي مرض ماڻهوءَ جو آهي جو جڏهن سندس
عمر گهٽجي وڃي ٿي تڏهن مرض پيو وڌي ۽ جو نه گهٽجي ٿو ۽ نه وڌي
ٿو سو رزق مقدر آهي -
نڪتو: جڏهن دوستي جي پاڙ محڪم ٿئي ٿي تڏهن
ادب جا شرط نڪري وڃن -
نڪتو: هڪڙي محب کان پڇيائون ته محبت ڇا آهي چيائين
اُها جا ڀلائي ڪرڻ سان وڌي ۽ بجفائي ڪرڻ سان گهٽجي ڪين ٿي
نڪتو: الله تعالیٰ جلشانه ٽن ڄڻن کي دشمن ڪري ٿو ۽
ٻين ٽن ڄڻن کي تمام دشمن ڪري ٿو - بدڪار کي دشمن ۽ پوڙهي
بدڪار کي تمام دشمن - بخيل کي دشمن ۽ شاهوڪار بخيل
کي زور دشمن - مغرور کي دشمن ۽ غريب مغرور کي زور دشمن
۽ ٽي ماڻهو سندس دوست ۽ ٻيا ٽي ماڻهو تمام دوست اٿس -
عابد دوست جوان عابد نهايت دوست - شاهوڪار سخي دوست
غريب سخي تمام دوست - نيازوارو دوست ۽ تونگر نيازوارو
نهايت دوست اٿس -
نڪتو: بهادر جي بهادري لڙائيءَ ۾ ۽ ديندار جي امانت
ڏيڻ وٺڻ ۾ ۽ عيال جي محبت بک ۽ فاقي ۾ ۽ دوست جي دوستي
مسڪيني جي وقت ۾ آزمائڻ گهرجي -
نڪتو: ڏهاڙي صبح جو اُٿي آرسيءَ ۾ پنهنجي شڪل ڏس جي
چڱي هجي ته عادت به چڱي ڪر ته ٻئي چڱيون ٿين ۽ جي بڇڙي هجي
ته به عادت چڱي ڪر ته به بڇڙايون تو ۾ موجود نه ٿين -

خبر شد ه که هیچ دولت و جاه - بدیدار دگر نه خواهد یافت

نڪتو: ضعيف حال مسڪين جي تسڪين جي ڏڪار جي ڏهڪار ۾ سيال لهر ۽ انکي پنهنجي ٻهچ سار و ڏي -

نڪتو: گنهگار سخي عابد بخيل کان چڱو آهي --

نڪتو: علم جهڙن کان ڪا نعمت ۽ دولت شريف نه آهي سو ڪسبيءَ کي سيکارڻ اهل ماڻهو کپ ۽ گند ۾ اڇلائڻ آهي

نڪتو: نالوڙ جهڙ سان ڪتي لڏو علم وڌي ٿو - علم ۽ ادب سکڻ جو وقت ننڍپڻ آهي - ڇو ته ننڍپڻ وڏپڻ کان جوانيءَ جي شروع تائين -

نڪتو: ڳالهه ذڪر کان خالي اجائي آهي ۽ ماٺ فڪر کان خالي خراب ۽ نظر جي عبرت سجاري آهي -

نڪتو: يار اُهي آهن جي جڏهن گڏ آهن تڏهن هڪ ٻي کي محبت ۽ عزت ڏيندا ۽ جڏهن جدا ٿين تڏهن هڪ ٻي کي نيڪي ۽ نيڪنامي سان ياد ڪن - دنيا ۾ تمام فائديواري شئي سچو دوست چون دو مغز بادام در يڪ پوست آهي -

نڪتو: ڪن حڪيمن کان پڇيائون ته ڀاءُ چڱو آهي يا يار پڇيائون ته ڀاءُ - جيڪڏهن يار هجي -

نڪتو: حضرت علي رضي الله عنه جو قول آهي ته تمام عاجز اُهو ماڻهو آهي جنهن کي دوست نه آهي ۽ جڏهن ڪو دوست لڌو ملي ته ٿوري تڪليف سان انکي ڇڏي ٿو ڏئي -

نڪتو: دنيا ٽن شين سان خوش ٿي گذري - امن - تونگري - تندرستي - ۽ ٽن شين سان ڏک ۾ دب - اڻهوند ۽ بيماري -

نڪتو: ٻي سڀ شيءِ جيسين جنبري آهي تيسين ڀاڪ آهي

باب ڇوٿون

علم ۽ ادب جي بيان ۾

فصل پهريون

علم جي بيان ۾

علم سڀني هنرن کان سڳورو آهي هنر کي علم سان اهڙي نسبت آهي جهڙي زمين کي آسمان سان - هي اهڙو شريف جوهر ۽ بي بها گوهر آهي جو انسان کي نچائي ۽ ذلت کان اوچائي ۽ عزت کي لوڙهائي ۽ جهل جي گمراهي جي کوهه مان ٻاهر ڪڍي ڏاتن جي سعادت جي ڪشادي ۽ فيض ڀريل ميدان ۾ آڻي رسائي الله تعالى جلشانه انسان لاءِ چئن قسمن جون شيون خلقيون آهن هڪڙين کان عقل خوش ۽ نفس ناخوش جهڙي ڪ فقيري مسڪيني - دنيا جو عيش ۽ مال جي تبا آهي تنهنڪري عقل ان هوندي تي راضي آهي پر کان نفس خوش ۽ عقل ڀرهو جلن نه نفساني لذتون ۽ جسماني شهوتون - ٽيون آهي جن کان عقل ۽ نفس ٻئي راضي آهن اهو علم آهي چوٿيون آهي جن کان ٻئي آرها آهن اهو آهي جهل - جيڪي تنهن ڪري عالم کي جاهل ڪڏهن چئبو ته چڙي پوندو - اگرچه هو جاهل ته ڪوڙ سان جاهل ڏٺا ڪين پوندس ۽ جي جاهل کي عالم چئبو ته خوش ٿيندو اگرچه هو سمجهي ٿو ته ڪوڙ سان عالم نه ٿي ڪين پوندس - علم وڏي فضيلت آهي جهل خواري ۽ ذلت آهي - علم اهڙو ڀلو آهي جو جنهن وسيلي سان آدم جي فضيلت ظاهر ٿي جڏهن ته قرآن ڪريم

نڪتو: بڪ ۾ اٺ هوندي بيقراري نه ڪرڻ بلڪ صبر ڪرڻ
نه جيئن اٺ هوندي سببان دنيا جي لذتن کان ان کي نصيب رهيو آهي
تيئن بي صبريءَ سببان آخرت جي لذتن کان به نااميد نه رهبو -

نڪتو: ماڻهوءَ جي بت جا ٽي حصا آهن ١ دل ٢ زبان
٣ هٿ پير - دل پنهنجي ذڪر واحد جاڻڻ ۽ زبان اُنجي
وحدانيت جي گواهي ڏيڻ ۽ هٿ پير سندس بالهنبي لاءِ آهن -

نڪتو: انسان ٽن قسمن جا آهن ١ عاقل ٢ نيم عاقل
٣ نادان عاقل اُهو آهي جو ڪنهن فساد يا ماديءَ ظاهر ٿيڻ
کان اڳ فڪر ڪري اُنجي حقيقت کان واقف ٿي اُنجي دفع ڪرڻ جو
علاج ڪري ڇڏي ۽ نيم عاقل اُهو آهي جو ماديءَ پيدا ٿيڻ ڪري
پنهنجي دل نه لوڙي خوف ۽ نامرديءَ ۽ بيقراري نه ڪري ۽ عقل ۽
تدبير سان پاڻ کي اُنجي مشڪل کان ڇڏائي ۽ نادان اُهو آهي جنهنکي
جڏهن ڪو مشڪل اچي ته حيران ۽ پريشان ٿي اُنجي دفع ڪرڻ
جي تجويز کان عاجز رهي - اُنهي اهنج ۾ ڦاسي وڃي -

نڪتو: دعوت جا ٽي قسم آهن اُن کان سواءِ بي سبب
تڪليف آهي دوست ڏي لهج سارو نالو موڪلجي نه هو پنهنجي سر مٿي
موجب خرچ ڪاٽي اُها پوري مهماني آهي ۽ کاڌي پيتي جو سامان
خريد ڪري اُن ڏي موڪلجي تنهن ڏي محل وٽيس تيڏي محل
طعام تيار ڪرائي کارائجي نه اُها اڌ دعوت آهي ۽ طعام تيار ڪرائي
ڏاهنس موڪلجي نه جنهن محل وٽيس تنهن محل اشتها موجب کائي
نه اُهو جو ٿو مهماني جو آهي تنهن کان سواءِ دوست جي گهر وڃڻ ۽ اُنجي جو
موجب وتر کائڻ پيڻ ۽ تکي پورو ڪرڻ اها سڀ تڪليف آهي -

نڪتو: ڪي دوست خوراڪ جي مثال آهن جنهن ڌاران نه ٿي سري ۽ ڪي
دوا جي مثال آهن جنهنجي ڪڏهن ڪڏهن گهرج ٿي پوي -

طرح جونئون هوس ته پنهنجي پياري عمر علم پڙهڻ ۾
جيو تو وڃاءِ اچي منهنجي دڪان تي ويهه ته آءٌ توکي پنهنجو هنر
سيکاريان ته اُنهي وسيلي سان اَٽو هوندئي ايذاءُ کان جيئي
آسودو گذارين - پر هي اُنکي ڪاوڙندي ڪان ڏيندو هو ۽
علم جي اڀياس ۾ مشغول رهيو ۽ لوڙڻ جي اذيتن ۾ اهڙو عالم
ٿيو جو وقت جي سڀني عالمن کان گوءِ کڻي ويو ۽ سندس قابليت
ملڪن ۾ مشهور ٿي ويئي - بادشاهه کي خبر پيئي ته هن شهر ۾
فلاڻو ماڻهو تمام قابل ۽ فاضل آهي تنهن کي نوٽيس پهچوائي
موڪليو ته مي مسڪينن جي تسڪين غريبت سبان سناءِ وڃي اچن
جهڙو نه آهي تنهن تي خليفه هڪڙي سرو پاءِ ۽ جڙاءُ سنهن
سان گهوڙو ويلين باهن سميت ڏاهنس ڏياري موڪليو
لوءِ هي عزت ۽ فضيلت سان هاڻي محصور ٿي ويو ۽ اُنکي
پنهنجي ملاقات کان اهڙو خوش ٿيا جو سندس علميت
۽ قابليت جو معتقد ٿيو ۽ هڪڙو عاليشان بنگلو عطا ڪيائين
۽ وڏي لائق پگهار سان پنهنجي پٽ جو اُستاد مقرر ڪيائين
جڏهن بادشاهه کان موڪلائي پنهنجي گهر ڏي ٿي ويو تڏهن
اُهي تجمل ۽ سواري سان اُن اَٽي پيڙهي جي هٽ وٽان اچي
لنگهيو ۽ هڪل ڪري چيائين ته اڙي جٽ منهنجو علم ڏسي ڏيک
يا تنهنجو هنر - هتائي اها حشمت ۽ دهشت ڏسي دهلجي ويو
۽ عذر عرض ڪياءِ - علم جي ڀلائي ۾ ڪو ملاف ڪونهي پر
سڀني انسان جي طبع ۽ سياءُ ڌار ڌار آهي ڪن عالمن
جي طبع اهڙي خراب ٿيندي آهي جو علم پڙهي اُهي زياده گمراهه
ٿو ڪري ۽ خود شيطان بڻجيو ڪيو ماڻهن کي ڀر ٽپائين -
جيئن ته مينهن جو پاڻي پاڪ آهي پر جڏهن زمين ۾ ڪل ۽ ميوا ۽

۾ آهي ته جڏهن الله تعاليٰ ملائڪن کي فرمايو ته آءٌ زمين تي
آدم پنهنجو خليفو پيدا ڪرڻ وارو آهيان تڏهن ملائڪن عرض ڪيو ته
اي الله اوهان ڪهڙي اهڙي خلق ٿا خلقيو جا زمين تي فساد
۽ خونريزي ڪندي ۽ اسين هميشه تنهنجي واکاڻ ۾ پيا
پيا ڪريون فرمايائين ته جيڪي آءٌ ٿو ڄاڻان سو اوهين نٿا ڄاڻو
پوءِ حضرت آدم کي خلقي ڪري علم عطا ڪيائين جنهن ڪري ڳالهين
جي ملائڪن کي خبر پئي تنهن ڪري سندس فضيلت ظاهر ٿي
۽ پاڻ ﷺ فرمايو آهي ته اَلْعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَاءِ يعني
عالم نبين جا وارث آهن نبوت کان وڌيڪ ٻيو ڪو درجو
ڪونهي تنهن ڪري اُنهي وراثت يعني علم جي درجي کي ٻيو
ڪو مرتبو پهچي نه ٿو سگهي - سڀني شين جي فضيلت اُنجي
ڪماليت ۾ آهي - انساني وجود ٻن جوهرن مان ٺهيل آهي
هڪڙو روح ٻيو جسم - جسم جي ڪماليت روح سان آهي
۽ روح جي ڪماليت آهي علم ۽ حڪمت سان تنهن ڪري عمل
وارو سالم عالم انسان ڪامل فاضل آهي ۽ محشر ۾ عرش
عظيم جي پاڇي جي ڇانو ۾ ويهندو - پاڻ سڳورن فرمايو آهي
ته نَوْمُ الْعَالِمِ اَفْضَلُ مِنْ عِبَادَةِ الْجَاهِلِ يعني عالم جي ننڊ جاهل
جي عبادت کان چڱي آهي ۽ ٻيو فرمايو اٿن ته فَضْلُ الْعَالِمِ عَلَى
الْعَابِدِ كَفَضْلِ الْقَمَرِ لَيْلَةَ الْبَدْرِ عَلٰى سَائِرِ الْكَوَاكِبِ - يعني عالم
کي عابد تي اهڙي فضيلت آهي جهڙي چوڏهين رات جي چنڊ کي ٻين
تارن تي - نقل آهي ته بغداد ۾ هڪڙي شخص کي علم پڙهڻ
جو ڏاڍو شوق بيحد ذوق هو پر ڏيئي جي تيل وٺڻ جيتري به
وسعت نه هيس تنهن ڪري بازار ۾ هڪڙي هٽ تي هجي دڪان
جي ڏيئي جي سوجهري تي پڙهندو - دڪاندار

جيئن مان نه سمجهي ته پوءِ مار ڪٽ ڪجي جيئن ته ضَرْبُ الصِّبْيَانِ كَالْمَاءِ فِي الْبُسْتَانِ - يعني ڇوڪرن کي مارڻ باغ کي پاڻي سنوارڻ آهي جيڪڏهن مارڻ سان به فائدو نه ٿئيس نه سمجهي ته پاڙهڻ جو لائق نه آهي - ۽ ڇڏي ڏجيس - معنيٰ ۽ مطلب شاگرد کي چڱي ريت سمجهائجي ۽ جي هڪڙي پيري سمجهائڻ سان نه سمجهي ۽ پڇي ته ٻيهر سمجهائڻ تڪليف نه ڀانئجي - شاگرد پنهنجي منهن ويٺو پڙهي ته اُنجي پڙهڻ ڏي ڪن ڏجي ته جملا ۽ عبارت صحيح ٿو پڙهي يا نه - جي ڪٿي ڀلبو هجي ته سمجهائيس - نظم توڙي نثر جي عبارت ۾ جيڪي ڪنهن قصي جو مطلب هجي ته اُهو پڙهندڙ کي کولي ٻڌائجي - جيئن ته بوستان جي هن بيت جي ٻنهي مصراعن ۾ قصي جو مطلب آهي -

بيت:

گلستان کند آتش بر خليل - گروهي به آتش برد ز آب نيل

۽ شاگرد جي ذهن ۽ فهم سارو سبق ڏيڻ گهرجي - جيڪا عبارت يا مضمون ياد ڪرائڻو هجي سو جيسين شاگرد ياد نه ڪري تيسين تازو سبق نه ڏجيس - پاڙهيل علم جو هميشه امتحان وٺندو رهجي جيڪڏهن ياد هجيس ته جس ۽ شاباس ڏجيس ته پڙهڻ ڏي دل وڌيس ۽ جي ڪجهه وسريو هجيس ته جهڻ ڪڻ ڪرڻ گهرجي ته شرم ٿئيس ته دل لائي پڙهي ۽ وسريل ياد ڪري لڳي پوءِ مٿي سبق ڏجي ۽ پڙهيل مضمون جي لفظن جي جي معنيٰ ۽ عبارت جو مطلب شاگرد کان پڇجي جي هو برابر پورو بيان ڪري ته آفرين ڏجيس ۽ جي پوري تقرير نه ڪري ته پاڻ سمجهائيس - عبارت توڙي مطلب ۾ جيڪي عجيب غريب صنعتون لفظي معنوي جيڪي رکيل هجن سي مثالن ۽ نقلن نظيرن

ڪاريا ۽ خراب ٿئي مڪلن ۽ ڪنهن الو جماڻي - ۽ پڙهيلن
جي خرابي جو سبب آهي جو مسلمانن مذهب ۾ ٧٣ فرقون آهن
سيڪا فرقي پاڻکي سچو حق تي سمجهي ٿو ۽ ٻين کي گمراه
۽ ڪوڙو - پر حقيقت ۾ ڪيا حق تي هڪڙي فرقو آهي ۽ ٻيون
سڀ دوزخيا آهن - مذهبن جو اختلاف نه رڳو مسلمانن ۾
پيل آهي پر ٻين سڀني ڌرمن ۾ الهي ڪتاب نه وري هڪ ٻگاڙ پيل آهي
۽ هر هڪ ڌرم جي مذهبن جو بيان ڪرڻ اجايو ڳالهه ڪجهه ڊگهو
آهي -

بيت

علم کز وهر دو جهان روشناست + طرفه که هم رهبر و هم رهزن است

اهڙن رهزن عالمن جي باب ۾ هڪڙي شاعر پارسي ۾ هن
مضمون سان نظم چيو آهي ته ڪنهن عارف شيطان لعين کي
خوش ۽ بي فڪر صحرا ۾ ڏٺو ته هن پڇيائينس ته اي خبيث تنهنجو
ڪم آهي خلق کي گمراه ڪرڻ، جو پنهنجي مڪان واپس وڃي ڪري ۾
پيو ٿلين - ورندي ڏنائين ته زماني جي عالمن مونکي اهڙي ڏنڍي
کان ڇڏائي ڇڏيو آهي جو هڪڙو عالم سالم سڄي جهان کي
خراب ڪرڻ لاءِ بس آهي - تنهنڪري ڪميڻي ۽ نيچ ماڻهوءَ کي
علم پڙهڻ نه گهرجي - علم پاڪ گوهر آهي اُن لاءِ ٿانوَ به سٺو
گهرجي ڪم ذات پڙهندو ته اُن کان شرارت ۽ فساد پيدا ٿيندو
۽ سندس مڪرن ۽ ويڙهن کان اشرافن ۽ عاقلن جي دل کي
رنج رسندو - اشراف جنهنجي طبيعت سٺي ۽ ذهن چڱو هجي
تنهنکي تعليم ڏجي - ڪند طبع ۽ موڳي کي پڙهڻ اجائي
محنت آهي جيئن ته ڪلر ۾ باغ ڪين ٿيندو ۽ سنگ مرمر مان
لعل ۽ ياقوت نه ٺهندو - سيڪا ڳالهه نه هجي ۽ صحبت سٺا شاگرد
کي سمجهائجي پر جي نه مڃي سان خيال نه رکي ته تاب ڏڪو ڪجي

اَدب عجيب خصلت آهي علم کان به ڀلو آهي اگرچه علم شريف
۽ سگهو به آهي ته به عالم جي ادب ڪرڻ کي نه ڇڏڻ گهرجي ۽ جاهل
اديب هر ڪا اعزاز آهي —

بيت

اَدب تاجيست از لطف الاهي — بنه بر سر برو هرجا ڪه خواهي

زبان ٻرقه ڪڇڻ ڪان جهلڻ ۽ ٻين عضون کي بجا رکڻ
ڪان روڪڻ ۽ پنهنجي ۽ پيءُ ماءُ جي عزت ۽ آبرو سنڀالڻ
انهن آهي آدب — جيڪو ادب سان گذاريندو سو ماڻهن وٽ
۽ خدا تعالا وٽ هميشه سرخرو ۽ خوش رهندو **نظم**

اَدب بهتر از گنج قارون بود — فزون تر ز ملڪ فريدون بود
بزرگان نڪردند براي مال — ڪه زمال را هست روز زوال
عنان سو ۽ علم و ادب تافتند — ڪه نام نڪو از اَدب يافتند

حضرت علي رضي الله تعالى عنه صبح سان جي نماز پڙهڻ لاءِ مسجد
ڏي پئي ويا ۽ هڪڙو پوڙهو ضعيف گبر آهسته سندن
اڳيان پيو وڃي تنهن پٺيان آچي ادب کان سندس اڳيان نه ٿيا
۽ پٺيان سندس هيري هلندا آيا — اگرچه الهي ڪري نماز ۾ دير پيئي
ويئي ته به انهيءَ ادب نه ڇڏيائون — سلطان محمود غزنوي
کان پڇيائون ته بادشاهه وٽ گهڻائي اهڙا سهڻا ٻانها آهن جن جي ڪيان
حور ۽ غلمان به شرمندا ٿيا ليڪن ته به شاهه جي محبت جيتري اياز
سان آهي اوتري ٻين ڪنهن سان نه آهي ۽ هو ته قبيح صورت آهي پوءِ سانس
ڇو اهڙي الفت آهي جواب ڏنائين ته هو ٻين کان وڌيڪ اَديب آهي — تنهنڪري
منهنجو حبيب آهي ڇو ته هڪڙي ڏينهن شڪار ۾ هر قطار همراهه ڏسي
سڀ سپاهي اُن ڏي ڊوڙيا مگر اياز منهنجي رڪاب ۾ هو ۽ منهنجي ساڄي پاسي
نه ويو اهڙو اَديب آهي — تاريخ جي ڪتاب ۾ نقل آهي ته بادشاهه لقب
نبي احمد ساماني ابو علي قهستاني کي خراسان ڏي ابي موڪليو

سان چڱي طرح شاگرد جي ذهن نشين ڪري ڇڏين ۽ هميشه خوش
نه ڪن ۽ ڇيت طبع رهڻ نه گهرجي نه شاگرد کي نه ورهين ۽ نه
ايتري قدر بُرد باري ۽ نرمي ڪجي جو ٻچا ٻاڪ رهن جيئن
شيخ سعدي رحمة الله فرمايو آهي - **بيت** -

اُستاد معلم چو بود کم آزار - خرسک زنند کودکان بازار
درشتي و نرمي بهم در بهست - چو رگ زن که جراح و مرهم نهست

حسب نسب وارو اشراف سلڇڻو علم ۽ لياقت وارو اديب
تعليم ۽ تربيت جي قاعدن قانونن کان واقف ماڻهو شاگردن
جي پاڙهڻ لاءِ اُستاد مقرر ڪجي - شاگردن کي گهرجي ته جڏهن
اُستاد وٽ وڃن ته هٿ ٻڌي اُن کي سلام ڪري پوءِ ادب سان
ويهي پڙهڻ ۾ مشغول ٿئي ۽ دل ۽ زبان کي انهي مشغولي ۾
لڳائي ۽ جڏهن اُستاد سبق لاءِ سڏ ڪري تڏهن ونڊ
وڃي ادب سان سلام ڪري پوءِ جيئن سبق پڙهيو وڃي تيئن
صحيح پڙهي ٻڌائي ۽ جيڪو مطلب سمجهيو هجيس سو پوري
طرح جيئن ٻڌائي پوءِ نئون سبق وٺي ۽ جيڪي اُستاد سمجهائي
سو چڱي طرح ياد رکي ۽ عبارت جو مطلب ۽ مصنف جي مراد
اُستاد کان سکي خوب ذهن تي ويهاري جيسين چڱي طرح
نه سمجهي تيسين پڇڻ کان لڄ نه ڪري ۽ جڏهن سبق
وٺي واندو ٿئي تڏهن گهڻي ادب سان اُستاد کي سلام ڪري
پنهنجي جاءِ تي ويهي وڃي سبق ياد ڪري -
جڏهن انهي دستور سان پاڙهڻ ۽ پڙهڻ ٿيندو ته
سگهو طالب پنهنجي مطلب کي وڃي رسندو -

فصل ٻيو ادب جي بيان ۾

تنهنجي ڳالهه تي اعتراض آڻي يا اُنهي ۾ رد ڪري ته اُن جي اُنهو اعتراض
واجبي هجي ته بيفائدي ۽ نقصان رسائيندڙ ٿي ۽ جيڪڏهن ڪري ٿو ۽ جي غير
واجبي هجي ته پنهنجي دليل سان اُنکي هٽائجي پر جي معتبر ۽ بزرگ
ماڻهو آهي ته توڙي سندس اعتراض اجايو آهي تڏهن به ادب جي لحاظ کان
سامهون سامهون نه ٿجي بحث نه ڪجي نه جواب ڏجي ته — **بيت**

نه در هر سخن بحث ڪردن رواست — خطائي بزرگان گرفتن خطا است

تي سگهجي ته حضرت صاحب جي ذڪر ڪرڻ اهڙو اجايو دنيائي ڪلام ڪرڻ اعنا
نه ڪجي ماڻهن تمام موچاري آهي — **بيت**

زبان را گوشمالي خاموشي ده — ڪه هستان زهر چه گوئي خاموشي به

جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪا اهڙي ڳالهه ڪري ته اُن کي نهارجي ڪنهن شئي
کي زور سان ڇڪو آهي اُنهن ڏي پڻ نهارجي ۽ جنهن شئي ڏي نهارڻ
نيڪ نه آهي تنهن ڏي نه ڏسجي سيوا انهي شرم ڳالهائي نظر ڪرڻ جي
ائين نظر ڪرڻ کان نور کي نقصان آهي — ڏي تعالى جي سونهن
قدرت کي ڏسي سندس صنعتن ۾ فڪر ڪجي ۽ حمد ۽ ثنا ۾
مشغول ٿجي ۽ صاحب جي صفت ۽ ڪثرت يا سلطنت فڪر ڪرڻ
سندس منهنجا پاڻ کان ڇڪو آهي ۽ نامحرم ماڻهو ڏي شهوت جي
نظر ڪرجي جو اهو به ڪثرت زنا جو قسم آهي — جيڪي ڳالهيون
پڙهڻ ٻڌڻ جهڙيون نه هجن سي پڙهن جهڙو ڪ قرآن شريف ۽ آيت جي معنى
۽ حديث ۽ ولين ۽ حڪيمن جون ڳالهيون ۽ نصيحتون ۽ اڳين
بزرگن جون خبرون وغيره ۽ جيڪي ڳالهيون پڙهڻ جي لائق نه
آهن اُهي ڪڏهن نه ڪجي — مثلا گلا گار چغلي وغيره —
جيڪڏهن ڪي ٻه ماڻهو پاڻ ۾ آهسته ڳالهيون ڪن ته اُنهن جون
ڳالهيون نه ٻڌجن بلڪ اُنهن کان ٽري پري ٿجي ۽ بيان پر ڏي جي
ڪن ۾ نه ڏجي انساني دل جنهن لاءِ گمراهي جي هو ڪفر شرڪ نفاق حسد

سو خلوت ۾ گهر اچي ساڻس گڏجي ڳالهيون ڪندا هئا ۽ ابو علي
جي ڪپڙن ۾ جُوئُون هونديون هيون جي تنگ ڪنديس پر هن اُنهن جو ايذاءُ
سهيو ويٺي بادشاهه ڳالهيون ڪندو هيو ۽ بادشاهه جي ادب کان
چرپر نه ڪندو هو ۽ جڏهن بادشاهه کان موڪلائي ٿيو تڏهن وڃي
ڪپڙن مان ڪڍي ماريائين. انهيءَ عرصي ۾ سخت تنگ لڳا
هوس - انهي احوال جي بادشاهه کي خبر پيئي ويٺي تنهن گهرائي پڇيس
ته جو هر وقت جُوئُن کي ڪين ٿي مارئين چيائين سائين جي ادب کان
چري نه سگهيس - بادشاهه سندس اهڙو ڪمال ادب ڏسي حڪومت
جو سمورو وهنوار هن کي منجهه حوالي ڪيو - الله تعاليٰ جلشانه وٽ
ادب تمام پسند آهي - ڪيتري شخصن جي سڄي عمر گناهن ۾ گذاري
هئي ۽ ڪو چڱو ڪم ڪونه ڪيو هوائون ڪيتري ڏينهن ڏسي ته ڪاغذ
ڪي پٽ تي پيو آهي اُن ۾ تي تعاليٰ جو نالو لکيل آهي تڏهن اُهو
ڪاغذ پٽ تان کڻي ادب سان چمي صاف ڪري چمي ڪنهن اُچين تي رکيائين
۽ ڪن ان جو تعويذ ڪيائون ۽ مرڻ کان پوءِ ڪنهن بزرگ خواب ۾ بهشت ۾
خوش ۽ خوشحال ڏسي پڇيس ته ڪهڙي عمل ڪري اهڙو درجو مليو
انهي چيو ته سڄي عمر گناهن ۾ ويئي پر مگر هڪ ڪاغذ تي الله تعاليٰ
جو نالو لکيل ڏٺم تنهن جي تعظيم ڪئي تنهن ڪري سڀ گناهه معاف ٿيم
۽ هي درجو مليم - سيکڻ معنوي ڪي ادب هي آهي - هميشه نرم
ڪلام ڪجي - تکو ۽ بلند آواز نه ڳالهائجي - بيشمار لفظ وات مان نه ڪڍجن
گهٽ نه ڪجي نه ڏاڍيان نه هيري نه تکو نه ڍرو اهڙي طرح پورو
پنو ڳالهائجي جو برابر سمجهه ۾ اچي اهڙو ڪلام ڪجي جنهن ۾ لفظ ٿورا
۽ مطلب گهڻو هجي مگر اهڙو مختصر نه ڳالهائجي جو مطلب گم ٿي وڃي
ٻي جي ڳالهائڻ جي وچ ۾ نه پئجي جڏهن ڪو انسان ويٺو ڳالهائي تڏهن
جيسين هو بس نه ڪري تيسين وچ ۾ ورندي نه ڏجي جيڪڏهن ڪو

ٿيو ته به غنيمت آهي پوءِ سج اڀرڻ تائين قرآن ۽ صلواة پڙهي جڏهن
سج اڀري سوا ٽي ٿئي تڏهن اشراق نماز پڙهي ڪجهه ورد وظيفو پڙهي
پنهنجي حق ۾ دعا گهري پوءِ ڪجهه قرآن شريف جو دور ڪجي ۽
جيڪي ڪجي سو ريا کان پاڪ جو ريا واري رياضت ۾ عذاب جو
پاڪ آهي جڏهن ورد وظيفا پڙهي واندو ٿئي ته منهن هوا کائڻ لاءِ
وڃي ڪجهه وقت صحرا ۾ سير ڪجي ۽ جيڪڏهن مقام ڏي وڃي ته
فاتحه پڙهي مقام واري کي بخشجي - مقام ۾ وهڻ به چڱو آهي جو
اُها عبرت جي جاءِ آهي - تنهن کان پوءِ وري پنهنجي جاءِ تي اچي عيال
اولاد کان خبر چار ۽ خير عافيت پڇجي ۽ اُنهن جي غمخواري ڪجي ۽
طبيب جي دوستي به مناسب آهي جو بيماري ٿي پوي ته اُن کان علاج
پڇجي بت چڱو ڀلو هوندو ته الله سائين جي ياد به ٿي سگهندي -
ڪجهه بيماري ٿئي ته ترت علاج ڪجي جو مرض وڌيو ويو ته پوءِ
ڇٽڻ مشڪل آهي - پوءِ پنهنجي ڌنڌي ۾ مشغول ٿجي ۽ سيکو ڪم
امانت سان ڪجي ۽ رشوت ۽ خيانت کي اوڏو نه وڃجي - حلال
وچ سان روزي پيدا ڪري عيال پالجي - توفيق سارو چڱن
ڪمن ۾ ناڻو خرچ ڪجي اجائي خرچ ۽ بدعت ۽ گناهه جهڙن ڪمن
کي اوڏو نه وڃجي وسعت سارو مسڪينن محتاجن ۽ سوالين کي خيرات
ڏجي - عيال سان مهرباني ۽ مروت سان هلجي - ٻارڙن کان وڏيڪ اُنهن
کي خوراڪ ۽ پوشاڪ ڏجي - عيال اولاد مان ڪو بيمار ٿئي ته ترت
اُنجو علاج ڪجي ڪميڻن ۽ خراب زالن کي گهر ۾ اچڻ نه ڏجي جو
اُنهن کان عفيفائي کي نقصان آهي - زالن کي نامحرم آدمين کان پردو
ڪرائجي - ڪنهن ماڻهو کان ڪا چوڪ ٿئي ته ٻهراءِ اُن کي نرمي سان
سمجهائجي پوءِ جي اتهين ٿئي ته چشم پوشي لازم آهي جيڪڏهن زال سهڻي
۽ خوش طبع معتبره پهرين گهر ملي ته اُنکي پيار ۽ سکيو رکجي - ۽

ڪيني دشمني ۽ حرص ۽ هوس کان ۽ نفساني خواهش کان پاڪ
آهي ته بيت الله آهي جي اُن گندن سان ڀريل آهي ته شيطان بي
ايمان جي جهوپڙي آهي تنهنڪري گهرجي ته اُنکي پليتائن کان پاڪ رکجي
ته مخصوص سالڪ جي معرفت جو نور ظهور ٿيري عقل نائب ۽ نفس جوهر
آهي بدن جو بادشاه آهي سندس حڪم آهي مخلوقن جي حقيقت کان
واقف ٿيڻ اُنهان خالق جي معرفت کي ملڻ هنجو هميشه روحاني لذتن
۽ اعلى عالم ڏي ميل آهي سندس دشمن نفس جو هميشه دنياوي
شهوتن ۽ لذتن ڏي گهڻو مائل آهي تنهنکي مٿي مغلوب ڪري
مٿس غالب ٿئي اهو آهي اُنجو ادب سڀ ۽ پير ادب ۾ رکجن ـ
خير ۽ موچاري ڪمن ۾ مدد ڪجي ـ ۽ ڪنهن کي نه ڏکوئجي ـ
وات مان پتر نڪر ٻهر ڪندو اُهڙن کي پري ڇڏجن جن چوري
نه ڪجي خير جو ڪم ۾ وڪيڙ جي بيمارن کي پڇڻ وڃي ـ نه نڪتر و
نه تمام عرجيا ـ پور و پنون هلجي زمين اُتي لتون نه هڻجن ـ
مجموسو بري بلڪ اَسُر جو اُٿجي جو اها رحمت جي نزول جي محل
آهي جيڪو اُن وقت سجاڳ هوندو سو اُنهان ڀرپور پائيندو ۽ سڀن کي
ڪيئن ڪيئن ملندو

خواب وخور جز پيشهٔ انعام نيست ـ خفتگان را بهره از انعام نيست
ننڊ مان اُٿي احتياج کان آجو ٿي ٻهراءِ پتر سان صفائي ڪري پوءِ
پاڻي سان طهارت ڪري ڏندڻ ڏيئي وضو سان مصلي تي ويهي
پنهنجي مالڪ سان مشغول ٿجي ـ زاري ۽ نياز سان رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم
جو وسيلو وچ ۾ آڻي مناجات ڪجي ۽ جڏهن صبح صادق ٿئي تڏهن
جيڪا مسجد ويجهي هجي تنهن ۾ وڃي جماعت سان نماز پڙهجي ـ
نماز خشوع ۽ خضوع ۽ دل جي حضور سان پڙهجي جيڪڏهن سچي
نماز ۾ حضور حاصل نه ٿئي ته به جيڪر رڪوع يا سجده ۾ حضور سان

طعام مان ڪجهه ذري خالي نه موٽائجي - ڪنهن مجلس ۾ کائڻ جو
اتفاق ٿئي نه ٻين جي ڳره ڏي نه نهارجي ۽ کائيندي اجايو فائدو وڌ نه
ڳالهائجي - کائڻ جي وقت ۾ هر هر پاڻي نه پيجي - پر جي اُڃ هجي ته
طعام جي وچ ۾ هڪ سير و پاڻي پيجي نه ته کاڌي کائڻ کان پوءِ ڪلاڪ
منٽ بعد پاڻي پيڻ گهرجي - کوه ۽ درياه جو پاڻي لڳ وڃڻ پيڻ نقصان
آهي - پاڻي جهلي ڍڪ ڍڪ ڪري پيجي ۽ اهڙي طرح نه پيجي جو ٺري
کان هيٺ وڃڻ وقت آواز نڪري - کاڌي پيئي بعد ڌڻي تعالى جو
شڪر ڪجي ۽ ٻه ٽي دفعه الحمد الله رب العالمين چئجي پوءِ هٿ ڌوئي ۽
ڳرهي ڪري خلال ڪجي نم جي ڪاٺي سان خلال ڪرڻ چڱو آهي کاڌي
کان پوءِ ٻن پهرن جو سمهڻ ۽ رات جو گهمڻ طعام کي هضم ڪري ٿو
پر ڏينهن جو گهڻو سمهڻ مغز کي ضعيف ۽ طبع کي ڪند ڪري ٿو -
اونهاري جي منڊ ۾ ڏينهن جو ٻه پهرن کان پوءِ رات جو وچين مهل ڪاڄ
کائجي ۽ سياري جي موسم ۾ ٻن پهرن کان پوءِ سمهائي جو کائڻ
گهرجي - گهر مان ٻاهر وڃڻ وقت بسم الله چئجي بلڪ سڀ ڪمن
ڪمجي شروعات ۾ بسم الله چوڻ جي عادت ڪجي - ڪيترا ماڻهو
ٻاهر مسافري تي نڪرڻ جيا ته ڪجهه پيسو ڏوڪڙ ضرور پاڻ سان کڻجي
لحاظ مت ۾ ڪنهن کان گهڻا فائدا آهن - وات ۾ هلندي ٻاهر هيڏي
هوڏي نه نهارجي سامهون نظر رکجي ۽ ڪن جو ڌيان پيلن ڪجي
ماڻهن جي گوڙ ۾ نڪرڻ جيا - جيڪڏهن ماڻهو گاڏي يا وهٽ تي سوار
هجي نه بازار ۽ گهٽي ماٺ آهستو هلائجي خراب وهٽ تي بلڪل نه چڙهجي
جي ماڻهو ڏولي ۾ چڙهيل آهي ته ڪهارن ۽ حمالين کي ڊوڙائڻ
جي گهٽي وقت نه ڏجي جڏهن ماڻهو وڃيا ملاقات تي وڃي ته اُتيا گهڻو
نه ويهجي متان اُنجي ڪم ۾ حرڪت پوي جيڪو ٻنهي دل جو مطلب
هجي سو تمام صفائي ۽ چٽائي سان مختصر لفظن ۾ اُن کي ٻڌائجي

ذني تعاليٰ جو شڪر ڪجي ڪو جي ۽ پرهيزگار ۽ سچي زال سا
سهڻي ڪجي ڪان جيڪي آهي زال ڪهڙي نه پرهيزگار ۽ اشراف
هجي نه ته اُنجي عفيفائي تي اعتبار نه ڪجي - مرو يرو گهڻين زالن
پر ڄڻ جو شوق نه ڪجي پنهنجن عزيزن سان سلوڪ رکجي - اُهن
مان ڪو جي مروت ۽ نالائق ٿئي ته اُنسان تو ڙو وڃجي - وڏن
مائٽن ۽ بزرگن جي خدمت ڪجي - پاڙن ۽ پيرن سان شفقت
ڪجي ۽ سڀني ۽ مطلبي دوستن جي وچ ۾ تميز ڪجي ۽ اُهن
سان اُٺن ملجي - ڪاڏي پيتي تي جنهن شئي تي اهل اولاد جو خيال ٿئي
ساو سعت آهي اُهن کي موجود ڪري ڏجي ۽ جيڪا هيم رهت
شريعت جي اُبتڙ هجي تنهن ۾ اُنهن جو مدد گار نه ٿجي بلڪ اهڙيا ڪم
کان اُنهن کي روڪجي ۽ شريعت جو علم اُنهن کي سيکارجي - مهمان
الاهي بخشش آهي - سو جي اچي ته خوش ٿجي ۽ تو ڙي هو آشنا هجي
يا نا آشنا ته به اُن سان مهرباني ۽ مروت جي ملت ڪجي ۽ گهر کان
سواءِ سڀ گهرج جي شئي اُنکي موجود ڪري ڏجي جو هو مياءُ کان
ڪين گهرندو سڀستاءِ پاڻي موڪلائي نه وڃي تيستاءِ از خود موڪل
نه ڏجيس عسرت ۽ تنگيءَ جي ڳالهه مهمان جي روبرو نه ڪجي -
طعام پنهنجي اهل عيال سان گڏ کائجي ۽ ڏار ڪائڻ ۽ شڪم پروري جي
عادت نه ڏارجيا ۽ جڏهن طعام کوڻجي تي رکجي تڏهن پهريائين
ڏوڻي بسم الله چئي توڙو لوڙ وات ۾ وجي پوءِ کائڻ گهرجي ۽ گره
بو رو پنو کجي ۽ اِئين نه چبارجي جو آواز ظاهر ٿئي ۽ ٻي سگهي ته
وات ۾ گره وجهڻ مهل بسم الله ۽ ڳهڻ بعد الحمد لله چئجي ته کائڻ
پڻ به عبادت ۾ لڳجي - اَڌو ڍُو کجي نه ته به ٻي گره م ٿيئي گهٽ
کائجن اِئين هضبو ته مرلهن نه ٿيو ۽ دسترخاني تي جيڪي کاڌي
ڪري سو ڪجي کائجي ماني کائيندي جڏهن فقير سوال ڪري ته اُن کي

سڀڪنهن طرح رذالت پڇاڙي وغيره گهرو ڪم ۾ سيکاريا - ۽
۽ فضيلت - صفائي - ستائي - ۽ اٺٽ وهڙ جو ادب ۽ پرهيز
گاريا ۽ اشرافت ۽ شرم حيا جي وات ڏيکاريا ۽ پٽ کي انهيءَ
اُستاد جي حوالي ڪجي جيئن سگهي ته اُنکي ڪتاب مطلع العلوم ۽
مجمع الفنون ياد ڪرائجي اُستاد قابل هوندو ته ٿورن چئن
ورهن ۾ اهو ڪتاب لاجواب باصواب ياد ڪرائي سگهندو
انهي ڪتاب پاڙهڻ پڄاڻا عربي پاڙهڻ شروع ڪرائجي اجينه
اهو ڪتاب چڱي طرح پڙهيو هوندو سو ڪنهن به علم جي عبارت
۽ معنيٰ مضمون ۾ نه ڦاٿو مگر عقل ذاتي اوندا آهي جئن
چيو اٿن ته يڪ من علم را ده من عقل بايد -
جڏهن مسافري لاءِ وڃجي تڏهن پنهنجو عيال الله تعالىٰ قادر
ذوالجلال کي سونپي پوءِ روانو ٿجي ته اُنکي ڪنهن به قسم جو
اهنج نه رسندو - هيڪلو سفر نه ڪجي الرَّفيق ثمّ الطّريق
رفيق شفيق ساڻ ڪري سفر جو سير ڪجي بدڪار ۽ خراب ماڻهو
سان مسافري نه ڪجي مسافري ۾ ڪنهن ڌارين ماڻهو سان
گستاخي ۽ يارانو نه رکجي جو گهڻا چور ۽ بدمعاش ٺڳن ۽
نيڪن جي صورت ۽ لباس ۾ ماڻهن کي غافل ڪري مارين
۽ ڦرين ٿا ۽ زهر ڏيئي يا ڪنهن به حيلي سان خراب ڪن ٿا
مسافري ۾ توڙي وطن ۾ گلاب گلقند وتف شڪنجبين
قولنج جو عرق وغيره دوائون پاڻ سان موجود رکجن جيڪڏهن
ته اوچتو ڪنهن به وقت قولنج پيٽ جو سور يا وبائي پوي
ته انهن مٿين دوائن سان اُنجو تڙت علاج ڪجي جو اهڙن
مرضن ۾ دير ٿي پوي ته لاعلاج ٿيو پون - وطن ۾ توڙي
سفر ۾ دوست دشمن سان صلح رکجي جيئن حافظ شيرازي

جيڪي ڪي هن ڪو ماڻهو تنهنجي ملاقات تي اچي ته انکي جهڙي طرح
عزت سان ڪيڪار ڪر ۽ انجي اچڻ جو شڪر گذار رهج ۽ وقت
سار وسارڻ شئي تول جي صلاح ڪر ۽ جيڪا ڳالهه جوڙي سا ڌيان
ڏيئي ٻڌ ۽ انجو جهڙي طرح غور ڪر ۽ سندس اهو مطلب پورو ڪر
۽ جي انو ڪان ٿي نه سگهي ته عذر ڪري معافي گهر - جيڪڏهن ٻاهران
گهر ڏي موٽي تڏهن ڪجهه ميوو يا خوشبوءِ وغيره سڀني شئي
پنهنجي اولاد لاءِ وٺي وڃجي - مضمون ۽ جي فائدو ۽ ٻاراڻين ڳالهين
۾ اثر ٿئي جيا ڪي تون ڪڏهن يار دوستن ڏي خط پٽ ڪندو رهجي
بلڪ سوغاتون ۽ سوکڙيون سان انکي ياد ڪجي ۽ پنهنجن نوڪرن
چاڪرن کي سندن لياقت آهر خوش رکجن - ڪو به نوڪر
جو ڪم ۾ ڀيشن نڀائي سان نه سمجهي تنهن کي موقوف
ڪري ٻيو نوڪر رکجي ۽ پنهنجن ٻچن کي نوڪرن ۽ نيچ
ماڻهن جي صحبت کان روڪجي - ڏيتي وٺتي وغيره هلت
چلت ۾ راست معاملي رهجي - وعدي خلافي بلڪل ڪرڻ
نه گهرجي - جي اتفاق سان ٿي پوي ته انجو عذر ڪرڻ گهرجي
اشرافن ۽ ڀلارن ماڻهن جي پاڙي ۾ ويهجي آميرن جيا
ڪوٺن جي پر ۾ نه ويهجي - شادي ۽ غمي جو خرچ پنهنجي
وسعت سارو پورو پنو ڪرڻ گهرجي - مردن ۽ زالن جي
رهڻ ڪري پنهنجي اندازي کان ٻاهر نه وڃجي جيئن ڏکي
سگهي ۽ ٻئي غير شرعي رسمن کان نيا سو ڪجي - اولاد جي
عمر جڏهن پنجن ورهين جي ٿئي تڏهن انکي ادب
سيکارجي - ننڍي کي ڪنهن ادب وارن پرهيزگار نيڪ بخت ۽
اشراف استاد زال جي حوالي ڪجي ته انکي قران شريف ۽ نماز
روزي جا شرط شروط وغيره ضروري مسئلا پاڙهي - سڀ طرح

گناهن کان توبه ڪري پوءِ سمهڻ گهرجي جو ننڊ موت جي
ڀيڻ آهي متان اُئين سُتي ئي توبه مري وڃي ـ اڌ پهر رات جو
باقي هجي ته اُٿجي ۽ مٿي بيان ڪيل ريت پرماڻي پنهنجي
ديني ۽ دنيوي ڪمن جي سرانجامي ڪجي - جي اهڙي طرح
وقت گذاربو ته پنهنجي جهان ۾ خوش ۽ خورم رهبو -
ڪڏهن ماءُ يا بزرگ وٽ وڃجي ته هر طرح سان اُنجو
ادب بجاءِ آڻجي - مٿير ويهڻ جو خيال نه ڪجي - بلڪ
سڀني مجلس کان هيٺ ويهجي پر جيڪڏهن عزت ڏيئي
۾ مٿي ويهڻ لاءِ چون ته پوءِ مٿي ٿي ويهجي ۽ مجلس
۾ ڪنهن به طرح جي سبقت نه وٺجي - دوزانو ويهجي
هر هڪڙو گوڏو گوڏي تي نه رکجي - بزرگ ڪا ڳالهه پڇي
ته جواب باصواب ڏجي جي تو کان نالو پڇين ۽ تنهنجو
نالو بزرگن جي نالي جهڙو هجي ته ادب کان نالو نه وٺجي
۽ چئجي ته مسڪين فلاڻي جو پٽ آهي -
سعد لبيد جي خليفي هارون جي پٽ سعد کان سندس
نالو پڇيو ته هن عرض ڪيو ته سعد امير المومنين آهي ۽
بابو هارون جو پٽ آهي - جيڪڏهن تنهنجو نالو ڏو-
هجي جهڙوڪ ابو الفضل يا ابو المجد ته چئو ته فضل خدا
تعاليٰ جلشانه جو آهي يا ٻي ڪي اِهڙي نالي سان سڏيندا آهن
تاريخ جي ڪتاب ۾ نقل آهي ته نظام الملڪ
اوائل ۾ ملڪشاهه بادشاهه جي لوڙهجا تي جو منشي هو -
هڪڙي ڏينهن وزير سان گڏ جي بادشاهه جي ڪچهري ۾ آيو
تنهن پڇيس ته نالو ڇا اٿئي چيائين نظام ملڪ جو ته شهنشاهه
جي دولت جي ديل تي سان مضبوط آهي ۽ هي ٻالڪو بادشاهه

رحمة الله عليه فرمايو آهي -
آسائشِ دو گيتي تفسير اين دو حرف است + با دوستان تلطف با دشمنان مدارا
مذهبي تعصب مان فساد ٿو ٿئي اُن کان پاسو ڪجي - خير
چڱائي ۾ سخا بخشش ۾ چڱي مٺي مسلمان يا غير مذهب جو
لحاظ نه ڪجي بلڪ عام خلق جي ڀلائي ڪجي ۾ سڀڪنهن محتاج جو
احتياج پنهنجي وسعت سارو پورو ڪجي ته محشر ڏينهن الله تعالى
ري پيا بهشت عطا ڪري - پنهنجي اهل اولاد ۾ تير ٻالڪن جليءَ
واڌ وٺي تڏهن عام خلق سخا ڪجي جان جيوائن ته -
اول خويش پوءِ درويش -
زال جي مت تي نه لڳجي جو هو ناقص عقل آهي -
اگر نيک بودي بسر انجام زن - زنان را مزن نام بودي نه زن
محبت رکجو خدا تعالى سان رکجي ۾ مخلوقن تي مهرباني ڪندو
رهجي - ڪنهن کي ايذاءُ نه پهچائجي مگر موذي شئي کي مارڻ
موچارو آهي -
ريس ۾ ساڙو نه رکجي ڪنهن جو چڱو حال ڏسي خوش ٿجي
ڪنهن عزيز يا دوست جو حال بهتر ٿيو ته اُنکي مبارڪباد
ڏجي ڪڏهن ڪڏهن باغ بوستان ۾ گهمڻ وڃجي جو گلن ۾
ناز بوئي ناجي پاس دماغ کي فرحت ۾ قوت بخشيندڙ آهي
جي پراڻو باغ هجي نه ميوو گل مڪري نه ڇنجي نه عزت نه ڏجي
نماز پنج وقت بلا ناغي پڙهندو رهجي - اشتها اڳ پاڻي
۾ طعام کيا وڏو نه وڃي ۽ کاڌا کائڻ کان وٺي ننڊ نه
ڪجي ڏينهن پهر رات جو گذري پيا ته کان پوءِ سمهجي پر پهرين
وضو ساري فاتحه سگوري ست ڀيرا ۾ قل هو الله ست ڀيرا ۾
هڪ ڀيرو آية الكرسي پڙهجي استغفار پڙهي سمجهي دل سان

مختصر ٿو ڪيو پر هرگو ادب جو اشارو آهي -

باب پنجون

بازيءَ حڪمت عمليءَ جي بيان ۾

نوشادر ۽ عقرقرحو ڪٺي وات ۾ وجهي چپاڙي ۽ جيڪي مٿي پاڻ ڪيڏي پوءِ جيڪي ماڻهو ٿانڊ وات ۾ وجهبو ته نه سڙهندو -

آفيم - ڪٿيلو - ڦٽڪي - لونگ - آنڊي جي ڪل - پارو پيهي هڪ ٻئي سان گڏي سرڪي ۾ ملائي هٿ تي مڃي هٿ ۾ باه کڻجي ته هٿ نه سڙي ۽ جي پيرن جي ترين کي مکي باه تي هلجي ته پير نه سڙن

سونا گيرو - خطمي - ڦٽڪي - شراب - ڪافور - سرڪو اهي سڀ پاڻ ۾ ملائي هٿن پيرن کي مڃي ته باه جو اثر نه پوي -

ابرق - حل ڪيل پارو سان ملائي آنڊي جي اڇ ۾ خطميءَ جي لعاب سان گڏي اُگهاڙي بت تي مڃي باه ۾ گهڙجي ته نه سڙجي -

سمبل تيل ۾ - آنڊي جي ڪل ڪٽي جيائي پاڻ ۾ ملائي بدن کي مڃي وڃي باه ۾ گهڙجي ته اُنجو اثر ڪجهه ڪي نه رهي -

اڇو ڪٿيلو - نبات برابر وزن ڪجهه زعفران دار دارچيني هڪ ٻي سان ملائي ٺڪريءَ ڪري رکجي - پوءِ ڪجهه انهيءَ مان وجهي پاڻيءَ جو پيالو گهرائي ماڻهن کان لڪ چپ ڪري اهو اُبتڙي منجهس ڇنڊي وجهي ۽ گڏي سڏي ڏيکاري ڏيئي ذرو ساعت ويهي رهجي ۽ ويهي جيئن جيئن گهٽ ڪان پوءِ ڪجهه ڏيک لاهبو ته اهي شيون پاڻيءَ ۾ فالودي وانگر جيئن پيو هونديون پوءِ اهو فالودو ڪڍي ماڻهن کي ڏيارائبو ته ڏاڍو لذيذ هوندو ۽ ماڻهو پاڻ ۾ ائين سمجهندا ته منڊ جي اثر کان پاڻيءَ جي فالودي تي ٿيو آهي -

ملڪ شاه جي سپاهين مان تمام گهڻن لوڪن آهي رکي
اِها ادب جي ڳالهه ڪياءِ تنهنڪري بادشاه جي مهرباني
جو مستحق نظر پيو ۽ آهسته آهسته آبرو وڌائيندي
وڌائيندي پنهنجو وزير ڪيائينس ـ
جا ڳالهه عقل کي اوڏي نه هجي ۽ پاسندس ثابتي ڪرڻ مشڪل
هجي سا بزرگ جي روبرو نه ڪجي ـ چاپلوسي ـ ۽
خوشامد جي عادت نه ڌارجي ۽ هر گهڙيءَ دعا به نه ڪجي
۽ شريعت جي برخلاف ڳالهه نه ڳالهائجي ـ وچ ۾ ڳالهه ڪجي
۽ اجائي ڳالهائڻ سان پنهنجو مان به نه وڃائجي ـ
مجال سخن تا نه بيني ز پيش ـ به بيهوده گفتن مبر قدر خويش
ڪنهن جي گلا نه ڪجي ۽ چغلي ۽ چورت نه ڪجي ـ ۽
ٻي هودي جي ۽ مسخري ڪان پاسو ڪجي ـ بزرگن
وٽ پنهنجي علم جو فخر نه ڪجي ۽ انهن تي الزام نه ڏجي
خوشي جي وقت ۾ آنڊ ولا جهتريءَ ڳالهه نه ڪجي جنهنڪان
انهن کي ڪراهت اچي
هارون رشيد بادشاه خواب ۾ ڏٺو ته سندس سڀ ڏند
ڪري پيا آهن ڏاڍو ويچ ٿيس سڀ ڏاهاءِ اڪابر گهرائي
انهن کان تعبير پڇياءِ تڏهن ڪنهن معتبر ماڻهوءَ چيو ته
بادشاه جا سڀ مٽ مائٽ سندس روبرو مرندا الهي ڳالهه
ڪان هنڪي اهڙي ڀيان لڳي جو تعبير ڪندڙ کي ڪيڏي قيد
ڪياءِ ۽ ٻيو هوشيار نجومي گهرائي انکان وري اهو پڇياءِ
تنهن عرض ڪيو ته بادشاه کي مبارڪ هجي جو شاه جي عمر
سندس عزيزن کان وڌيڪ ٿيندي الهي جواب باصواب ڪان
بادشاه خوش ٿيو ۽ انکي گهڻو انعام ڏناءِ تعبير ٻنهي

پھوٽ کي ٿورو ڪوسو ڪري ميڻ سان مٿس اکر لکي ڪيس نکي
سرڪي ۾. وجهي گهڙي ڪان پوءِ ٻاهر ڪڍ ٻس ته اکر پڌرا ٿي پوندا

آھرءَ ڪارڪون ڪٿي ٿورو پاڻي ملائي اُنسان جيڪي لکبو سو ڳاڙهو ٿيندو
ٿڪي ۾ ماوا ڳچيتاءِ پاڻيءَ ۾ پسائي اُنسان اکر لکبا ته ساوا ٿيندا -

ڪير ۾ ٿورو نوشادر وجهي ساڻس اڇا ڪاغذ تي اکر لکي اُنکي باه تي
ٿورو ڏبو ته ڪارا اکر ظاهر ٿيا پوندا -

انهي طرح جي ليمي جي پاڻي سان لکي باه تي سيڪبا ته ساوا اکر ظاهر
ٿيندا. جي نارنگي جي پاڻي سان ته ڳاڙها ۽ ڪير سان زردا -

ڪنبو رنجي رت ۾ پاڻيءَ ۾ ٿوري ماس گڏي اکر لکبا ته ڏينهن جو ڪين
ڏسبا ۽ رات جو پڙهي سگهبا -

ڳاڙهو سينڌ ولوڙ ۾ مس زيتون يا ترن جي تيل ۾ ملائي اُنسان
تاڙ ۾ هار پل پاڻيءَ سان اکر لکبا ته ظاهر ٿيا هيندا ۽ پڙهي سگهبا
ميڻ تپائي اکرن تي هارجيا ٻه ٿي پيرا ته اکر ڌهي ويندا ۽ ڪاغذ
صفا ٿي پوندو -

نوشادر - ڪنگڻار - سڪيو برابر وزن پاڻيءَ ۾ ملائي اُهو پاڻي
اکرن تي هارجيا ڪاغذ اُس ۾ رکبو ته اکر ڌهي ويندا ۽
ڪاغذ صاف ٿي پوندو -

مُرسري - زهر کي پيهي سنهون ڪري ڪڻڪ جي آٽي سان
ملائي جنهن کي اُهو اٽو کارائبو سو ٻيهوش ٿي پوندو -
پوءِ جي مٿس ٿڌو پاڻي وجهبو ته وري هوش ۾ ايندو -

ڪڪڙ يا جيڪوا ن - زهري - گوگڙو - ڀنگ جي ٻج سان گڏي
ٺڪائي سڪائي اُن مان ٻه ٿيا داڻا جنهن کي کارائبا ته اُهو
بيهوش ٿي پوندو -

ڪانئل پيرون جا پن ڪٿي چاڻي سهي جي رت ۾ ملائي گوڙهي

ڦُٽڪي - ڪافور پاڻ سان گڏي پاڻيءَ سان ملائي ڪاغذ کي مکي
اُن کي باهه تي جهارجي ته منجهس جلوو رهڻي سگهبو -

جنهن جاءِ تي گڏ ۽ لبيو هجي اُتان مٽي کڻي دسترخواني جي
هيٺان رکجي ته ڪا سُنڌ ڊٽي اهڙي ڪل اچي وڃي جو ماڻي ڪاني نه سگهن

جڏهن مڪه جي پير ۾ ماڻهو جي مٽي جو وار ٻڌي دسترخاني جي
هيٺان رکجي ته به اهڙو تماشو ٿئي -

ڪوئنر پاڻي ۾ گاڙهي ماهتي ٿي ٿڪي باهه هڻ ۾ ڪجي ته نه ساڙيندي

مٽي ماڻهو جا ڏند هڏ هڏ جي جپ پئي گڏ جنهن سان ماڻهوءَ جي
سيراندي کان رکيا هو تيسين ڪين جاڳندو وڃيسين اُهي نه ڪڍبا

نوشادر توتيو برابر وزن ليمي يا ڦودني جي پاڻي ۾ حل ڪري اُتارِ
يا ڪپ پاڻي لوهي متيار تي پهرايو بگهير مٽي سان اکر لکي اُنجي
مٿان مٿين شڪي وارو پاڻي هاري ڪجهه تاءِ ڪٽي اُس تي رکيس ته
اکر صاف ظاهر ٿي پون ۽ نه ڀڻ پر جي چاندي تي لکو هجي ته
مٿين شڪي سان ڌو گوگڙ وجو به ملائجي

جي پهرين تي اکر لکيا هجن ته گاڙهي ڪار ڦودني جي عرق ۾ ملائي
بگهير مٽي سان پهرين تي اکر لکي ڪار وارو ڦودني جو عرق کڻي مٿس
هارجي ۽ ڪجهه تاءِ اُس ۾ رکي پوءِ ڌوئي صاف ڪجي ته اکر ظاهر ٿين -

ٿوهر نوشادر جهڻ سان گڏ ڪري وجهو ڏنگيل ماڻهو پنهنجن هٿن
۾ مهٽي ڪٽي سنگهي ته سور جهڙي وڃيس -

لوٽيو پيهي نانگ ڏنگيل جي دماغ ۾ ڦوڪجي هڪ رتي - ته جهٽ
پٽ هوش ۾ اچي ۽ نانگ جو زهر دفع ٿي وڃي -

توتيو پيهي پاڻي ۾ وجهي سون تپائي اُن کي اُن پاڻي ۾ ٻڏي
لوڻ يا ڏباته ٽامي جهڙو رنگ ٿي پوندس ۽ لوهه به انهي طرح ڪرڻ
سان ٽامي جهڙو رنگ ڪري ٿو -

چنڊڪاٽي - ڪوڙ - هگ - پيهڻ مٽي ۾ ملائي جهنڊي ڪٽي
سنگهائجا سونهون ۽ تت ڏي -

ڪبوتر يا ڪڪڙ جو آنو تازو ٽي ڏينهه سرڪي ۾ ڀڄائي رکبو
ته آنڊي جي کل تمام نرم ٿيندي پوءِ سوڙهي منهه واري شيشي
۾ وجهي مٿان مٿس ٿڌو پاڻي ڪٽي وجهبو ته اڳين جهڙو سخت
آنو ٿي پوندو ۽ ماڻهو حيران ٿيندا آنو ڪيئن سوڙهي
منهن واري شيشي ۾ سلامت اندر ويو -

اڇي شيشي ۾ ڪجهه شراب ۽ ڪجهه گوگڙ وجهي اوندهي گهرا
رکجي ته اڱين پيو پائجي ته جڻ شيشي ۾ باهه رکي آهي -

مٽي مان بڻجندڙ جي صورت ٺاهي سندس پيٽ ۾ ڦڪڙو
ڏيندڙ وجهي بند ڪري پوءِ اُنهي صورت جي نڪ جو سوراخ کري
اُن ۾ گوگڙ وجهو ولهوڻ ڏبو ته ڏيندڙ کي اُميدو لهوڻ سوا پيدو
ٿڪيري عجيب آواز ڪندو ماڻهو پائيندا ته مٽي جي صورت اواز ٿي

ڪڇون جي وڙ - سيندوڳا ٿهولوڻ پاڻ ۾ ملائي السي جي
اگڙي جي وٽ جوڙيا ساڻ گوهي نئين ٽڃي ۾ اُماوت ۽
زنبق جو تيل وجهي جنهن گهر ۾ باري تنهن گهر جا
ويٺل ماڻهو پائيندا ته اسين ٻيڙي ۾ ويٺا آهيون -
۽ دريا جو سفر پيا ڪريون -

نيرپيجي نئين اگڙي ۾ ويڙهي وٽ ڪري نئين ڏيئي
۾ اُماوت ۽ هيرڻ جو تيل وجهي جنهن گهر ۾ باري ته گهر
جا ماڻهو سڀ ساڻي پوشاڪ وارا پيا ڏسبا -

ڏاٿهون جي کل ڪي ڏينهن ٽي راتيون - پاڻي ۾ ڀڄائجي پوءِ
اُهو پلڙيا جنهن ڏڪوجي جو ڏاڙهي هار پلي تنهنکي مڪڙ
اوڏونه ويندا -

جوڙي ڪنڍيءَ ۾ وجهي پاڻيءَ ۾ وجهبي ته مڇي جلد آچي ڦاسندي

ٿوم - چليل تر - ڀنگ جو ٻج - مصري کنڊ ۽ برابر وزن کڻي

ڇي اٽي ۾ گوهي پاڻيءَ ۾ وجهبو ته اتيريون مڇيون اچي مٿي ترنديون

جو هٿ سان وٺي سگھبيون ضعيف جي اُهو ڳاهه ڪنڍيءَ ۾ وجهبو ته جلد

مڇيا ڦاسندي -

ٻاجهري جو نشاستو - چوڙهن جو اٽو - ٻڪريءَ جي ولا سان ملائي

ڳاهه ڪري ڪنڍيءَ ۾ وجهبو ته جلد شڪار لڳندو -

دار چيني اٽي ۾ گوهي ماني پچائي ڪتي کي کارائجي ته ڪائٽ شرٽ ڪندو

اڪ جي کير سان هٿ تي اکر لکي سڪائي پوءِ چار يا انگار مٿان لئي

مهنبا ته صارا اکر ظاهر ٿيا پوندا -

ڪاغذ کي ماک جي پاڻيءَ سان ٻسائي اُس ۾ رکبو ته ڪهڙي

ڪان پوءِ اُڏامي ويندو -

مينڊڪ جو ٻچي جوڙي سندس پيٽ ماک جي پاڻيءَ سان ڀري

اُس تي رکجي ته ڪجهه ڪانپوءِ اُهو ٻکي اُڏامي ڏيي -

ڪڪڙ جي آنيءَ جي کل خالي ڪري ماک جي پاڻيءَ سان ڀري اُس

تي رکجي ته ڪجهه ڪان پوءِ اُڏامي ويجي -

لڱ جا ذرا ڏيئي ۾ وجهبا ته پتنگ ڏيئي تيا نه ايندا ۽ اُنجي

پاس ڪان ڀڄندا -

جيڪو هرڀير ڪائٽ جي عادت ڪندو ته ٿنهنجي ڏاڙهي اڇي نه ٿيندي

ڇڻ - زرنجا - مرداسنگه - سنا - ميندي - گل خيري - برابر وزن

ڪٽي ڇاڻي رات جو پاڻيءَ ۾ ٻسائي رکجن - صبوح جو اُهو

پاڻي اڇي رنگ وارن جيوان کي مکجي ته سندس سڀ وار ڪارا

ٿيا پوندا سچي بت تي نه مکبس ته ڪٿي ڪٿي مکبس

ته ابلق رنگ تي پوندس -

منضج ۽ جلاب وٺڻ کان

بکڻ نه ڏجي -

ڇکيل بادام ڳائي يا ماهي تازي ... مر

مبوح جو کير مان ڪڍي آس ... سڪ

به کبهر ۾ پسائي مبوح جو سڪائي پوءِ

جيستر ڏوڙ ڪتل جون ڇکيون ڪتي

بنفشه يا بادام يا اکروٽ جي تيل ۾ ملا

وٺڻ کان پوءِ انهي مان اکروٽ جو قدر ڪاڄ

بکڻ نه ڏجي -

هر ڏهي ٿري يا حلوات يا گهڻي جي جبيري مان

صاف ڪري گلاب جي پاڻي ۾ خوب ٻه ڏ

ڪري پوءِ ساد است ماسا زعفران ۽ لو

رتيون ڪافور امي ڪتي سائنس ملا

ڦڪي ڪري رکجي ۽ منضج ۽ حا

ات رتيون کا مجون ته ڏه ڏينه

ڏاڙهون جي کل جنهن وٽ سان ٻڌبي سو مڇرن کان بچندو
ڪاري مس سان ڪاغذ تي اکر لکي پوءِ جيڪو رنگ وجهڻو سو
ٿوري تيل سان گڏي اُنهي ڪاغذ سيجا کي مکي گهڙي کان پوءِ
ڪيس سيئين تختي تي رکجي ۽ زور سان پاڻي جا ڇنڊا هڻبا
ته اکر اڇا ٿي پوندا ۽ ٻيا هنڌ اُهو رنگ قائم رهندو
تازي ڪتي جي ڪن جي مر زهري ۽ تيل سان گڏي اگهڙي
۾ ٻڌي اُن کي ٻاهڻ کپي ۾ ٻڌبو ته تيستائين ننڊ نه ايندي
جيستائين اُن کي ٻاهڻ مان نه ڇوڙبو۔
چپ کي وڄي کهجي ڪسٽ کان پوءِ سنڌ ۾ سهڪي اکه
پٽيل رهجي ته اُها ڪيڏي اگهڙي ۾ ٻڌي ڳچي ۾ ٻڌبي
ته تيستائين ننڊ نه ايندي جيستائين اُها نه ڇوڙبي۔
چپ جو هنيون اگهڙي ۾ ويڙهجي سنل ماڻهو جي اُره تي
ڪٽي رکبو پوءِ اُن کان جيڪي پڇبو سو سڀ هوندو ۾
چٽي طرح ڏسيندو۔
جو يا ٻاد رنگ يا ونگي جو ٻج ماڻهوءَ جي سير يا سگڻ ساڻ ڪتل
رت ۾ وجهي ست ڏينهن اُس ۾ رکجي پوءِ ٻيا ست ڏينهن چانور ۾
رکجي تنهن کان پوءِ رت مان ڪيڏي جهل اڪري ٻئين
ڪپڙي ۾ ٻڌي رکجي ۽ هر ڪيترن امهل جيڪا مٽي چوني
کي ڇهٽي تي سا به موجود ڪري رکجي پوءِ جڏهن ڪنهن
مجلس ۾ تماشو ڏيکارڻو هجي ته ڏهن اُن مٽي مان ڪجهه
ڪڍي جي پيالي ۾ وجهي اُهو ٻج منجهس ٻوڙي ڪجهه پاڻي
ڪوسو اُن تي وجهي پيالي کي ڪپڙي سان ڍڪي رکجي
ته گهڙي کان پوءِ اُهو ٻج ڦٽي پوندو ۽ پن تاريون
۽ ميوا جهليندو ۽ مجلس وارا حيرت ۾ پوندا۔